محترم صاحب خان میراڻيءَ لاءِ - برڪت جيهو

[redacted]



دراوڙن جي مختصر تاريخ

مصنف

برڪت جيهو

سال جنوري

2021



مجاهد، زوهيب پبليڪيشن نئون ديرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هون ۽ تہ ليکڪ ۽ استاد برڪت جيهو منهنجي ڳوٺ ڳڙهي خدا بخش ڀٽو جي اوڀر طرف فقط ٽن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڇنڊ جيهو 18 اپريل 1967ع تي پيدا ٿيو ۽ ڇنڊ جيهو ۾ ئي پلي نپني جوان ٿيو. برڪت جيهو سان منهنجي پهرين ملاقات جو سبب گورنمينٽ (مين) ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن لاڙڪاڻو بڻي. جتي 1985ع ۾ مان ۽ برڪت جيهو پرائمري استاد طور سکيا وٺڻ لاءِ هڪ سال جي لاءِ ڪاليج ۾ داخلا ورتي ان ٽريننگ دوران اسان ٻنهي وچ ۾ علمي ادبي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهي ۽ نيٺ هڪٻئي جا دوست بڻجي وياسين جنهن دوستيءَ ۽ تعلق جو رشتو ۽ ناتو اڄ بہ قائم دائم آهي. علمي ادبي فڪري توڙي فني حوالي سان رتوديرو واري شاعر ۽ بهترين استاد قاضي عبدالحئي "قائل سرشاري" جو املهہ ماڻڪ فرزند شاعر ۽ نثر نويس سائين قاضي مقصود گل نئون ديرو شهر جي اسان ڪافي دوستن برڪت جيهو، امام راشدي، مسرور محمد خان سيال ۽ منهنجو استاد رهبر ۽ رهنما رهيو جنهن اسانکي پوريءَ سنڌ ۾ متعارف ڪرايو ۽ هر موڙ تي اسانجي مدد ۽ رهنمائي ڪئي.

برڪت جيهو ٿڌي گهڙي وانگر ٿڌيءَ ۽ مانار واري مٺيءَ مان جڙيل انسان آهي ڪيس ڪاوڙ ۽ غصو تمام گهٽ ايندو اٿس. ڪنهن سياسي سماجي مسئلي تي ڳالهائڻ واري مرحلي ۾ بہ اشاترائپ ڪان ڪم وٺڻ جو ڏانءُ وٽس نہ هجڻ جي برابر اٿس پر خاموش طبع ۽ سنجيده مزاج ۽ طبيعت جو مالڪ ضرور آهي.

سڄي سنڌ ۾ برڪت جيهو جا ڪيترائي عالم، اديب، شاعر ۽ محقق بهترين دوست آهن. برڪت جيهو رڳو ڪتابن جو ڪيڙو ۽ پاڙهو پڻ اديب آهي وٽس هڪ مختصر شاندار لئبرري پڻ آهي. سنڌ جي مختلف اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ برڪت جيهو جا ڪيئي مضمون، مقالا. شاعرن اديبن ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن جي ماڻهن تي لکيل خاڪا، ڪالم، تاريخ ۽ تحقيق جي حوالي سان لکيل ڪيئي ليک پڻ شايع ٿيل آهن هو علمي ادبي سيمينارن ۾ پنهنجا مقالا پيش ڪرڻ لاءِ اتاولو ۽ سرگرم رهندو آهي. برڪت جيهو اسانجو سٺو ۽ سچو دوست هئڻ سان گڏ مجموعي طور تي سماج جو هڪ ملهائتو، مانائتو ۽ ڪارائتو انسان آهي.

تاريخ 2 آڪٽوبر 2020ع

(منظور منگي)

ڳڙهي خدا بخش ڀٽو نئون ديرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مهاڳ

تاريخ نج علمي سماجي سائنس جو علم آهي، تاريخ جي ڪنهن بہ موضوع تي لکڻ جي لاءِ غير جانبدار نقطہ نظر اپنائڻ سان گڏ جيولاجي، آرڪيالاجي ۽ انٿروپالاجي جي علمن جي بنيادي ڄاڻ ضروري آهي پر اسان وٽ ائين تمام گهٽ ٿيو آهي. ننڍي کنڊ خاص طور سنڌ جي تاريخ بابت هن وقت تائين لکيل اڪثر تاريخي ڪتابن ۾ ڪيترائي جهول ۽ تضاد موجود آهن. جن سان سچي ۽ کري تاريخ جي بنيادن کي ريتي پروپئگنڊا واري جڙيل تاريخ کي هٿي ڏيڻ ۾ مدد ملي آهي. سن، سنبت ۽ پيڙهين جي پوتاميل ۾ حاڪمن جي اجائي هوڏ ۽ جنگي ڪارنامن کي هٿيايو ويو آهي. هتان جي عام ماڻهو جي رهڻي ڪهڻي، ريت رسم، فن ۽ فڪر تي لکيو نہ ويو آهي. ان ڪري عوامي تاريخ لکڻ جو رواج پيدا ڪندڙن کي بنيادي ماخذ ميڙڻ ۾ مشڪلات پيدا ٿي رهي آهي. پر ان باوجود تاريخي مغالطن کي درست ڪري نئين نسل تائين پهچائڻ جي جستجو ڪٿي رڪي نہ آهي. نئين ذهن نئين اتساهہ سان اڳتي وڌي آهي.

سائين برڪت جيهو وسيع مطالعو رکندڙ گهڻ پڙهيو ليکڪ آهي، هن جي جيون ۾ ڪتابن سان گهڻو قرب رهيو آهي. جيهي صاحب سان تعلق جڙڻ جي پهرين ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ڪيترن ئي ڪتابن تي تذڪرو ٿيو آهي، ڪيترن ئي ڪتابن جي اليڪٽرانڪ ڪاپي مون سان ونڊ ڪئي آهي. برڪت جو هي ڪتاب دراوڙن جي مختصر تاريخ بنيادي طور تي تاريخ جي راين کي عام پڙهندڙ تائين پهچائڻ جي سلسلي جي ڪڙي آهي. هن ڪتاب جي اٿت ۾ جيهي هڪ پورهيت وانگر نور نچوئي ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن جي راين کي ميڙي ڌرتي جي انهن سپوتن جي تاريخ جوڙڻ جي جستجو ڪئي آهي. جن جي وڏن تاريخ جي دور کان گهڻو اڳ ڌرتي تي تاڻيل تاريڪي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنبو ۾ تهذيب جون مشعلون ٻاريون آهن. تاريخ جي تلخ ترين سفر ۾ جيهي جي دراوڙ نسل بابت نظرين جي اٿل پٿل واري ميڙا چوندي پنهنجي ردِ قد سان ڪنهن کي قبول پوي يا نه پر پنهنجي طور تي هڪ ڇرڪ ضرور ڀرائيندي. هڪ سوچ جي سفر کي شروع ڪرائي ڌرتي جي دراوڙن طرف ڏيان ڏيارينديءَ. هن ڪتاب جو پهريون صفحو شروع ڪرڻ کان پوءِ آخري صفحي تائين پهچڻ کان اڳ ۾ اٿڻ تي دل نه چوندي، هڪ ويهڪ ۾ پڙهڻ جهڙو هي ڪتاب سنڌي ادب جي پڙهندڙن وٽ پنهنجي انفراديت سان مان ڀرائيندو.

نئين ڪنڊ ۾ صرف آريا ۽ اڻ آريا جي موضوع تي بحث ٿيو آهي پر دراوڙ، ڪول سنٿال قبيلن ۽ سماڻن جي سفر بابت وڏي ٽيڪاٽپڻي ٿي آهي. اڪثر راين مطابق آريا ٻاهريان آيا آهن (ڪجهه رايا آرين جي ٻاهريان کان اچڻ جي راءِ کي رد ڪن ٿا) پر هاڻي ڪي محقق وري دراوڙ لفظ جي معنيٰ "ٻاهريون آيل" ٻڌائن ٿا. آئون هي سمورا رايا پڙهي اڪثر طور سوچيندو آهيان ته آريا ٻاهريان آيا، دراوڙ ٻاهريان آيا، ڪول سنٿال پڻ ٻاهريان آيا ته پوءِ آخر هن ڌرتي جا اصل ڏٽي ڪير آهن؟ انهن جو نسل هن وقت ڪٿي رهي ٿو؟ ڇا ڌرتي جا اصل ڏٽي "ڌرتي ڌڪاڻا" تي پنهنجو وجود وڃائي ويهي رهيا؟ اهي ماڻهو ڪٿي آهن جن "موئن جو دڙو" اڏيو! جن هڙاپا جو وجود رکيو! جن ڍولا ويرا جي ڍول طور ميتا ماٽي هئي! جن جي محنتن جو ثمر مهر ڳڙهه آهي! جيڪي لوٿل جا لاڪيٽا ۽ ٻاري نگر جا پانديٽڙا هئا! جن نهٽي ۾ نو سو هٽ جوڙيا هئا! ڇا تاريخ جون اپٽيل اکيون انهن جا ناسي نيڻ ٻيهر ڏسي نه ٿيون سگهن!؟ انهن جي هنرمند هٿن جي ڪلا تاريخ جي اکين اڳيان ٻيهر ڦري نٿي سگهي.

سنڌ اها ڌرتي آهي جتان تهذيب جو سج اڀريو آهي، سنڌ جنهن دنيا کي پهرين هر هلائڻ سيکاريو آهي، ڦيٿو ناهي ڏنو آهي، ارٽ ۽ آڏاٽي ذريعي ڪپڙو اڻڻ جو فن عام ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ جيهي صاحب اي ايل باشم جو حوالو ڏيندي لکيو آهي ته دنيا ۾ پهرين زراعت جي شروعات سنڌ جي ڪيرٿر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي جبل واري علائقي مان ٿي، جنهن جا مثال اڄ به ٻنڌن جي صورت بابڪ وٽ موجود آهن. ونگو جبل تي پڻ ڪٽڪ فاسل جي صورت ۾ مليو آهي.

هڪ راءِ مطابق دراوڙ جي معنيٰ هن اشتقاق سان ٺهي ٿي ته ڊرا + وڙا يعني ڌرتي وارو. ضروري نه آهي ته هن راءِ سان ڪير اتفاق ڪري، اختلاف راءِ هر ڪنهن جو حق آهي. پر هن ڳالهه کي مڃڻو پوندو ته دراوڙ هن ڌرتي جا آڳاٽا لوڪ آهن. آڳاٽن دراوڙن جو پنهنجو ڌرم هو، هُو پنهنجي عقيدي ۾ پوڄا پاٺ ڪندا هئا. پوءِ انهن جي ڌرم تي ٻين ڌرمن جو ڪيئن اثر پيو. دنيا جي اولين ڌرمن تي ڪم ڪندڙ محققن ۾ "رليجن انٿروپالاجي" شاگردن دراوڙن جي ڌرم تي ڪافي ڪم ڪيو آهي. ضرورت انهي ڳالهه جي آهي ته جيهي جهڙو ڪو ڪاهوڙي تاريخ جو پورهيت آسان سنڌي ۾ سنڌي ادب جي پڙهندڙن تائين پهچائي. هن ڪتاب ۾ جيهي صاحب دراوڙن بابت ڏاهن جا مختلف رايا ڏنا آهن. دراوڙن جي سماجي زندگي جا مختلف عڪس اتاريا آهن.

پر اڃان به وڌيڪ تفصيلي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. جيئن پدري ۽ مدري سماج جي جوڙجڪ وڌيڪ واضح ٿئي. اسان دراوڙن ۾ مدري سماج جي حيثيت کي سمجهڻ سان گڏ اهو معلوم ڪريون ته پدري سماج ۾ عزت نفس جا اهي کهڙا ماپا مقرر ڪيل آهن جن جي ڪري ماڻهن سچي تاريخ جو ڪچو مواد مهيا ڪرڻ جي بدران پنهنجي پسند جي تاريخ، جڙڻ جي لاءِ مختلف زاوين سان ڳالهيون رکيون آهن. جن جي ڪري تاريخ جي سفر ۾ وڌيڪ مونجهارا پيدا ٿيا آهن. مٿان وري جيڪي فاتح ٻٽجنداويا آهن انهن پنهنجي فتح ڪيل علائقن ۾ ڌن دولت ميڙڻ کان اڳ ۾ لائبريريون جلايون آهن. عالمن کي قيد يا قتل ڪيو آهي. سنڌ تي جيترا ڀيرا حملا ٿيا آهن، اوترا ڀيرا سنڌ جا ڪتب خانه سڙيا آهن، اوترا ڀيرا سنڌ جا عالم بي موت ماريا ويا آهن. تاريخ جي نالي ۾ فاتحن پسند جي پروپيگنڊا پڌري ڪئي آهي. رگويد سنڌوءَ جي ڪنارن تي لکيو ويو، اهي سنڌ جا رشي هئا جن سنڌو جي ساراهه ۾ منتر چيا پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهي رشي ڪٿان جا هئا؟ جن چيو تہ هتان جا ماڻهو شودر آهن. جن جي علائقن مان لنگهندي سرسوتي ندي شرم منجهان زمين دوز ٿي وڃي ٿي. هاڪڙي ڪي سڪائڻ پويان ڇا هي روش نہ هئي! ڪورون ۽ پانڊون جي جنگ سنڌ تي پنهنجو جيڪو اثر ڇڏيو ان جي هي ڪڙي نہ آهي. هاڪڙي جي سڪڻ سان سنڌ کي پهتل نقصان انگن اکرن ۾ اڄ ڏينهن تائين اچي نہ سگهيو آهي. سچ اهو آهي تہ سنڌ جي علم ۽ دريائن سان وڏي دشمني رهي آهي. سنڌ جي نسلن وڏو ڀوڳيو آهي.

هي سموريون ڳالهيون عام پڙهندڙن جي اڳيان اچڻ گهرجن. پر هن موضوع تي تفصيل ڪنهن بہ پيري لکيو. هن وقت سائين جيهي صاحب جي هن ڪتاب جي تذڪري ۾ پڙهندڙن کي اهو ٻڌائڻو آهي تہ پوري نندي ڪنڌ ۾ سنڌ جي پنهنجي ڌار شناخت رهي آهي. سنڌي ماڻهو پنهنجي علم ادب، فن ۽ فڪر ۾ خوشحال زندگي گذاريندا هئا. موئن جي دڙي ۾ هڪ ڪان وڌيڪ نسلن جا ڏانچا مليا آهن. انهن ڪولهي، ڀيل، مهاڻا، اوڏ، بروهي ۽ سمائن جي مختلف قبيلن جي رهڻي، ريت رسم، ٻولي کي اڀياس ۾ آڻي اسان سنڌ جي تاريخ کي نئين سر سرجي سگهون ٿا. هي دراوڙن جي مختصر تاريخ سنڌ ڌرتي جي سچي تاريخ ڏانهن سوچڻ جو بنياد آهي. ايندڙ نسل جي مؤرخ کي انهي تي عمارت اڏڻي آهي. هن سلسلن مان سلسلو جوڙڻو آهي. آئون جيهي صاحب کي اهو بنياد مهيا ڪرڻ تي جس ڏيان ٿو.

ڊاڪٽر عبدالعزيز رحماني ڪنڀار
عمر ڪوٽ
30 ڊسمبر 2019

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويهي نہ ويرم ڪن

تازو ئي منهن جو نئين ديري لڳ ڳوٺ ڇنبُ جيهي وڃڻ ٿيو. ڇنبُ جنهنجي معنيٰ آهي پاڻيءَ جو تلاءُ. هي ڳوٺ وسند شاخ جي پڪ تي آباد آهي. وسند شاخ وسند جيهي نالي هڪ شخص سان منسوب آهي. مان ان شاخ (واهہ) جي ڪپر تي نسريل سَرَ پنهنجي جوڀن ۾ ڏٺو تہ منهنجو خيال يڪدم برڪت جيهي ڏي ويو. ڇنبُ جيهو ڳوٺ برڪت جو جنم ڀومي آهي، مان برڪت جيهي کي لڙ نسريل سَرَ وانگر سدائين ڄاڻ جي جوڀن ۾ ڏٺو آ. ان جو سبب سندس اهو مطالعو آ جيڪو کيس سدائين جوڀن ۾ ٽوڙ ڪي. برڪت جيهو پنهنجي تاريخي مطالعي کي سدائين تازو توانو رکندو پيو اچي. هو پنهنجي سادي جوڙجڪ ۾ اصلهہ ۽ عمدي ڄاڻ رکندڙ شخص آ. سندس علمي ڄاڻ جو پنڌار نهايت وسيع آهي، هن جو مطالعو ڪڏهن بہ تحت اللفظ نہ رهيو آ بلڪ تجزياتي ۽ تشريحي رهيو آ. جڏهن بہ نئين ديري جي پڙهيل لکيل حلقي مجي ڳالهہ نڪرندي آهي تہ برڪت جو نالو ضرور ڪڇندو آهي. هو ان تاتاري هرڻ وانگر سدائين ان هڳاءَ جي پويان سرگردان هوندو آ جيڪو سندس جسم ۾ ئي موجود هوندو آ. برڪت جيهي محدود وسيلن باوجود اصلهہ تاريخي ۽ ادبي ڪتابن جو ذخيرو پاڻ وٽ گڏ ڪيو آ. هو سنڌ جي پراچين لوڪن ۽ سنڌو سڀيتا جي همعصر تهذيبن جي اتهاس جي خاصي ڄاڻ رکي ٿو. برڪت جيهو سنڌي ادبي سنگت شاخ نئين ديري جو نہ صرف ميمبر پر ڪافي دفعا سيڪريٽري بہ رهيو آهي، هو تاريخي مواد جو پيلوڙ ليکاري رهيو آهي، سندس ڪيترائي ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل مضمون موجود آهن. هن ڪڏهين بہ ڏيکاءَ کي اهميت نہ ڏني آ. لطيف سرڪار جو هي بيت برڪت جيهي تي گهٽي قدر پورو ٿو اچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سـنـديـون كـامڻ خبرون، آديسيـن آهين
ڳجهہ نہ ڳالهائين، لکا پٽکن لوک ۾

بـــرکت جيڪو هي مختصر ڪتاب ســنڌ ۽ هند جي پراچين لوڪن متعلق سِٽيو آ. ان موضوع تي ۽ دنيا جي قديم تهذيبن سنڌو، مصر، نينوا، سمير ۽ بابــــــلي تهذيبن متعلق مختلف ٻولين ۾ ڪافي ڪتاب لکيل آهن، پر هن مختصر ڪتاب جي اها خاصيت آهي تہ هن ۾ انهن ماڳن جي اڏيندڙ لوڪن جي تاريخ ۽ تهذيب بابت ڪافي ڄاڻ ملي ٿي وڃي جو تہ انهن متعلق هن ڪتاب ۾ بـنيادي معلومات گڏ ڪئي وئي آهي ۽ ان معلومات کي بـنياد بـنائي وڌيڪ مطالعو ڪري سگهجي ٿو. ســـنڌ جنهن کي يورپي تاريخدانن ڏکويل وادي سڏيو آهي، ان ڪافي ڌارين حملي آورن ۽ گهلرن جي گهوڙن جي سنبن جي لتاڙ سٺي آ.

سنڌ اهو ديس آ جنهن کي سنڌو درياه پنهنجي ڪروڙين ٽن لٽ سان هزارين صدين جي عرصي ۾ سرجيو آ. سنڌو درياه جي نالي تان ئي هن نندي کنڊ تي ســـنڌ هند ۽ انڊيا نالو پيو. هن ڪتاب جي خصوصيت اها بـــ آهي تہ هن ۾ مختلف ملڪي ۽ غير ملڪي تاريخ ۽ قديم آثارن جي ماهرن جا حوالا ڏنل آهن. سنڌو تهذيب جا بہ قديم اهڃاڻ هڪ سنڌوءَ جي ڪناري لاڙڪاڻي ۾ موهن جو دڙو ۽ ٻيو چار پنج سو ميل جي فاصلي تي راوي نديءَ جي ڪناري تي هڙاپا جي نالي ســان بــين الاقــوامي شـــهرت جا مالڪ آهن. هن ڪتاب ۾ ٻڌايل آهي تہ 1530ع کان اڳ بلوچستان جو وجود ڪونہ هو ۽ سمن جي دور ۾ هي علائقو جام نندي جي سلطنت ۾ شامل هو ۽ پنجاب بہ سپت سنڌوءَ ۾ شامل هو. ڪتاب جي مواد ۾ قــديم لوڪن منڊ، ڪول، دراوڙ، ســنٿال ۽ آرين جي هن خطي ۾ آمد ۽ انهن جي اصلي ديســن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ڪافي ٻاهريان قبـيلا لڏي اچي واديءَ سنڌ ۾ قيام پذير ٿيا ۽ ڪافي هتان جا قبيلا مختلف سببن جي ڪري ٻين علائقــن ڏي هليا ويا. جتَ ۽ ميد ســنڌوءَ جي ڪنارن تي آبـــاد هئا جت مختلف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

علائقن ڏي وياءِ ميدن وچي ايران جي پرپاسي ميڊيا يا ميدان علائقو برپا ڪيو.

ڪامران سوهدروي پنهنجي ڪتاب حضرت دائود عليه السلام ۾ لکيو آهي ته فلسطين جو هڪ مشهور شهر هو جيڪو جات جي نالي سان مشهور هو. فلسطين جو پراڻو قبيلو فونيقي به اصل ۾ سنڌ جو پڻي قبيلو هو جيڪو زراعت، ذات سازي، ڳڻپ ۽ لکيت جو علم پاڻ سان کڻي اتي پهتو. رگ ويد ۾ پڻ پڻي قبيلي جو ذڪر ملي ٿو. آڪسفورڊ ڪلاسيڪل ڊڪشنريءَ ۾ ان قبيلي کي Poeni يونانين ان کي Phoeni سڏيو جنهن ۾ لفظ Phoenician ٺهيو.

بهرحال هن ڪتاب ۾ غيرملڪي ماهرن ايچ جي ويلز، هارڊ موئن. ڊي ڊي ڪوسمبي، پروفيسر پال سين، مسٽر رنگ آچاريه ۽ مقامي تاريخ نويسن مولائي شيدائي، ڪاڪي ڀيرومل، ابن حنيف، ڊاڪٽر رفيق مغل ۽ اياز پاڳت وغيره جا رايا شامل آهن. اميد ٿي ڪجي ته هي مختصر پر جاڻ ڀريل ڪتاب پڙهندڙن لاءِ لاڀائتو ٿيندو.

غلام حسين ڪنڀر نئون ديرو
30 نومبر 2019ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنھنجي پاران

لفظ دراوڙ لاءِ اسان جون لغتون صرف ايترو لکن ٿيون تہ اسم خاص ھندستان جي قديم قوم دراوڙ لفظ جي معنيٰ ڪٿي بہ ڪونہ ٿي ملي چو تہ ھي لفظ تمام قديم آھي. گنگارام سمراٽ سنڌو سوويٽر ۾ ڄاڻائي ٿو تہ "دراوڙ لفظ پروٽو ٻولي جو لفظ آھي جيڪو ٽين يا چوٿين بي اي سي ۾ ڳالھائي ويندي ھئي دراوڙ نندي ڪنڌ ۾ موجوده ھندستاني ٻولين کان اڳ ھند آريائي ٻولين جي اڳوٽي ٻولين وارا ھئا" اڳتي لکي ٿو تہ "پرولتاري ٻوليءَ وانگر پروٽو دراوڙين زبان پاڻ کي تاريخي رڪارڊ ۾ نہ ڄاڻايو آھي. ان لفظ جو جديد تصور دراوڙي عنصرن جي بنيادن ۽ تعمير جي بنياد تي آھي" اھو تجويز ڪيل آھي تہ ھيءَ ٻولي 4 ملينيم بي اي سي ۾ ڳالھائي ويندي ھئي ۽ 3 ھزار بي اي سي ۾ مختلف شاخن ۾ ٽٽڻ شروع ڪيو.

اسان جيڪڏھن سنسڪرت ٻولي جي آڌارني دراوڙ ٻوليءَ جي تشريح ڪيون تہ ھيءَ بيھي ٿي آدواسي، اصلي ۽ اوائلي ماڻھو جن تاريخ جي اوائلي ڌاتن جي دؤر (Age of Metals) ۾ قديم وادي سنڌ کي پنھنجو وطن بڻايو ۽ ھتي اڳير رھندڙ ڪول سنٿال، ڀيل ۽ منڊلوڪن سان گڏجي سڌجي رھيا گنگارام سمراٽ دراوڙن جي چڙھائي کي رد ڪري ٿو ڪنھن بہ ڪنھن کي فتح نہ ڪيو سنڌو ۽ پرتي ڪنڌڙ ندين انھن اوائلي ماڻھن کي پاڻ ڏانھن ڇڪيو ۽ گڏجي رھڻ تي مجبور ڪيو ان گڏپ سبب ھنن تھذيبون اڏيون جنھن جي باقيات ناچڻيءَ جي روپ ۾ موھن جي دڙي مان اسان کي ملي ٿي بعد جي حملہ آورن آرين ھنن جي وحدت کي ڇيھو رسايو ۽ صدين کان رولا ڪين جو شڪار بڻيا ھن وقت ڏکڻ ھندستان ۾ دراوڙي عنصر جھجھي انداز ۾ موجود آھي ۽ تامل، تيلگو، ڪناڊا ۽ ملايالم ھندستاني ٻولين جي وڏن گروھن ۾ شامل آھن باقي پاڪستان ۾ سنڌ ۽ سرائيڪي علائقن ۾ ننڍن گروپن ۾ رھن ٿا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪي رولاڪين ۾ آهن ۽ ڏکڻ هندستان کان علاوه پاڪستان ۾ دراوڙن جون ٻوليون 70 جي لڳ ڀڳ آهن.

دراوڙ نندي کنڊ ۾ گهڻين هندوستاني ٻولين کان اڳ هند آريائي ٻولين جي اڳوڻي ٻولين وارا هئا. دراوڙن جون ٻوليون تيلگو، تامل، ڪنادا ۽ مالايالم آهن. دراوڙ ٻولي ڳالهائڻ وارا مقرر ڪيل قبيلن جا پڻ ننڍا ننڍا گروپ آهن جيڪي دراوڙ ٻولين جي ٻاهرين علائقن کان ٻاهر رهن ٿا جهڙوڪ هندستان، سنڌ ۽ سرائيڪي علائقن ۾ رهندڙ اوڏ، ڪورو، ڪنڌي، ڪنڌي وغيره.

آءُ دراوڙن جي مستند تاريخ لکڻ جي دعويٰ نٿو ڪريان پر پڙهندڙن کي دراوڙن متعلق ماهرن جي راين کي هڪ جاءِ تي لکي مستقبل جي مؤرخ لاءِ راه هموار ڪئي آهي هن ننڍڙي ڪتاب ۾ دراوڙي باقيات ۾ جيڪي مون قبيلا ڄاڻايا آهن اهي اوڏ، مهاڻا، ٻروهي ته آهن ئي آهن پر سمن جي قبيلي کي قديم رهاڪن طور آخر ۾ ڏنو آهي. سمان قبيلا سدا سنوان دراوڙي رت وارا نه هجن پر دراوڙي رت وارن سان هي پڻ صدين جي سفر ۾ گڏ رهيا آهن.

آءُ ٿورائتو آهيان ڊاڪٽر عبدالعزيز رحماني ڪنيار ۽ پروفيسر غلام حسين ڪنڀر صاحب جن جو، جن منهنجي هن ننڍڙي ڪتاب تي لکيو پاءِ لياقت ابڙي، انجنيئر جاويد پنهور ۽ عاشق منگي جا ٿورا جن پروفن سڌارڻ ۾ مدد ڪئي آءُ ٿورائتو آهيان پاءُ انجنيئر ڪليم الله شيخ جو جنهن انگريزي لفظن جي معنيٰ ۽ پڙهڻي ۾ منهنجي مدد ڪئي، آءُ ٿورائتو آهيان سائين آزاد انعام لاڙڪ، غلام سرور ناريجو، گلشن وڏيو، انور ڪنڀر، نذير ڪنڀر جو، جن مونکي مفيد مشوريٰ ڏنا عيسيٰ ميمڻ جو ۽ سليمان پنهور جو پڻ ٿورائتو آهيان جنهن مفيد مشوريٰ ڏنا آءُ ٿورائتو آهيان مرلي ڌر رام لکياڻي جو جنهن وقت بوقت مونکي هن مواد لکڻ لاءِ همٿايو، منظور خلجي ۽ اجيت جنگ ٽائيٽل پيج تي تصويرون جي تجويز ڏني تن جون مهربانيون، آءُ ٿورائتو آهيان پاڪستان جي وڏي تاريخ دان ڊاڪٽر مبارڪ علي خان جو جنهن هن ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي اردو ۾ ٻه اکر لکيا.

برڪت جيهو
21 آگسٽ 2020
03328264055

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ارپـنا

آءُ هي پورهيو ارپيان ٿـو پنهنجي جدِاعليٰ ڏاڏي شاهه محمد ۽ ڏاڏيءَ سچل خاتونءَ کي آءُ ارپيان ٿـو پنهنجي بابـــا لاهوتي ڪالو خان (شــــرف الدين) ۽ امڙ نور خاتونءَ کي جن مونکي جٽي ڏيهه ڏيکاريو آءُ ارپيان ٿـو فقير خدا بخش مرحوم، نورل خان، مور خان، باغ علي مرحـــوم، گهنور خان، گل حســـن مرحـــوم، زوار چنيســـر، پنهنجي ڀائرن روشـــن علي، عبدالڪريم، اعجاز علي ۽ ڀيڻ روبينا خاتونءَ قربان علي، لياقت علي، مختيار علي، مظفر علي، وحـيد علي، سمير علي، سـليم، عبـدالصمد، هوت خان قـلندر بخش، هزار خان، منظور علي کي جن منهنجي تعليم ۽ تربـــيت ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، آءُ ارپنا ڪيان ٿـو هي پورهيو پنهنجي وڏي ايڊوو ڪيٽ غلام الرسول ابڙو مرحـوم، غوث بخش ابڙو مرحـوم، صاحب خان ابڙو مرحوم، لعل ڏنو، حضور بخش ابڙو مرحوم جن وک وک تي منهنجي رهنمائي فرمائي.

ڳوٺ چنب جيهي جي وڏي گهر جو مختصر شجرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اولهہ جي عالمن سنڌ جي قديم قومن کي غير ملڪي قرار ڏنو آهي.

حضرت آدم جي ٿيوريءَ ۾ هابيل ۽ قابيل جي قصي ۾ ڪانءَ جو ذڪر مليو آهي. ڪانءُ سنڌ ۾ اڪثر ملي ٿو. حضرت آدم جي قصي ۾ مور جو به ذڪر آهي مور به شروع کان اچ تائين سنڌ ۾ ملي ٿو. يورپ وارن کي مور جي ڄاڻ تڏهن پئي جڏهن سڪندر مقدونيءَ مور يونان موڪليا. سميرن جي ڪتبن ۾ مور جو ذڪر ڪٿي به ناهي پر موهن جي دڙي جي آثارن مان لڌل مهرن مان ٺيڳري تي ويٺل مور نظر اچي ٿو. سنڌ جا ماڻهو پاڻيءَ جي پوڄا ڪندا هئا ۽ سنڌو درياهه کي ديوتا تصور ڪندا هئا.

رگ ويد ۾ آيل آهي تہ "عورت يا ڪنوار کي پنهنجي مرضيءَ سان شادي جي اجازت هوندي هئي" (منڊل ڏهون)

ڪهول، ذات ۽ قبيلو ڪنهن نسل جا بنيادي ايڪا آهن

راءِ گهراڻي جي وقت ۾ سنڌ ۾ هڪ عظيم سلطنت قائم ٿي چڪي هئي جيڪا هڪ طرف ڪشمير جي سرحد ڪان ايران جي اڌ تائين ڦهليل هئي. ٻئي طرف افغانستان ڪان وٺي سنڌي سمنڊ تائين جنهن ۾ مهاراشٽر ڪان ويندي حيدرآباد دکن تائين سرحد هئي.

برطانيہ سرڪار سنڌ جي حڪمران بڻي تہ انهن سنڌ سان گڏوگڏ ننڍي کنڊ جي ذاتين، گهراڻن، ڪهولن ۽ قبيلن جي بڻ بڻياد تي ريسرچ شروع ڪئي هنن پهريون ڪتاب People of India نالي ڇپايو.

1530ع کان اڳ بلوچستان ۽ بلوچ نالي جو ڪو به وجود ڪونہ هو. قلات ملڪ ۽ سپوراڻي قلات سڏبو هو. نادر شاهہ افشار ايرانيءَ ان کي پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪري بلوچستان نالو ڏنو ڄام نظام الدين جي دؤر ۾ اهو علائقو سنڌ جي ملڪيت ۾ هو.

جادو ونسي نسل کي پراڻي زماني ۾ "جودي" بہ سڏيو ويندو هو. اجوڪي دؤر جا سمان، سماٽ، ابڙا، جيها، جوڻيجا، راهوجا، اُنڙ، جکرا وغيره

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سپ جادو ونسي نسل مان آهن بابل مان لڌل ڪتبـــــــن تي هڪ ڪهاڻي "گل گاميش" جي ماهرن کي مليي آهي جنهن ۾ وڏي ٻوڏ جو ذڪر آهي. ڪهاڻيءَ ۾ آيل آهي تہ انو بعل نيب اينوگيءَ ياغ گڏجي فيصلو ڪيو تہ شريپڪ شهر جا باشـــندا شـــرير هئيلا تي ويا آهن تنهن ڪري ڪين پاڻيءَ جي ٻوڏ جي ذريعي نيســـت نابـــود ڪري ڇڏجي ياغ ديوتا "مان" کي خواب ذريعي ٻڌايو تہ تون پنهنجو بچاءُ ڪرءِ ٻيڙي ٺاهه ۽ قـــصو نوح نبيءُ جي ٻيڙيءَ وارو ان تختيءَ تي اڪريل آهي ۽ اها ڳالهہ حضرت نوح نبيءَ کان گهڻي اڳاڻي آهي.

ايچ جي ويلز لکيو آهي "تہ نو هزار ســال قبــل مســيح خليج فارس ۾ جهاز راني ٿينديءَ هئي".

ڊي. ڊي ڪوسمبي لکيو تہ "ڪنهن زماني جو ذڪر ايچ جي ويلز ڪيو آهي ان وقــت قـطب نماءِ نہ وري تارن جي مدد سبان جهاز راني ڪرڻ جو فن هو. جهاز راني "ڪانءَ" جي مدد سان ٿينديءَ هئي ڇاڪاڻ تہ هو خشڪي تي رهي ٿو جيڪڏهن ڪيس سمنڊ يا پاڻيءَ ۾ ڇڏبو تہ هو سڪيءَ ڏانهن اڏام ڪندو آهي. ان ڪري ان کي Compas Bird سبو هي". ڪانءَ سنڌ ۾ ملي ٿو نہ کي عراق ۾. گل گاميش جي ڪهاڻيءَ ۾ "دلمون" جو ذڪر آهي ۽ ماهرن ثابت ڪيو آهي تہ دلمون ســنڌ جو شــهر هو. موهن جي دڙي مان هڪ اهڙي مُهر لڌي آهي جيڪا گل گاميش جي داســتان جي هيرو جي آهي جنهن ۾ برســات جو وســڻ، سمنڊ جي موج، ٻيڙي ۽ ڪانءَ جي نشاندهي ٿيل آهي.

انگريز عالم هارڊ موئر لکيو آهي تہ "ماڻهو جانور جي هڪ جنس جي صورت ۾ پهريان ڏکڻ ايشيا جي سنڌ (هند) جي علائقي ۾ سرجيو".

پارسين جي، زند اوســتا ۾ لکيل آهي تہ "خدا تعاليٰ پهريان پهريان جيڪو ملڪ خلقــيو اهو ايران وينجو هو". يعني اهو ملڪ جنهن ايران وارن آرين جو نسـل پيدا ڪيو. مســٽر سپگل جنهن زند اوســتا جو ترجمو ڪيو تنهن جو چوڻ آهي تہ اهو ملڪ ايران جي مٿانهين پٽ جي اوپر طرف هو".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايران جي اوڀر ۾ سنڌ آهي. ڪرنل جيمس ٽاڊ جنهن ڪتاب "راجستان" لکيو آن سنڌ لفظ متعلق لکيو آهي ته سنڌ سيٿن ٻوليءَ جو لفظ آهي.

ايڇ جي ويلز آئوٽ لائين آف هسٽري ۾ لکيو ته "جڏهن انسان حيوان مان قدم ٻاهر رکيو ته ان کي زراعت جي زماني تائين پهچندي هزارين سال لڳا هوندا". ايڇ جي ويلز ڪئپٽن آرڪيميل ٿامسن جي تحقيقات کي بنياد بنائي لکيو آهي ته پٿر جي زماني جي وحشي ماڻهن آخري دور ۾ زراعت شروع ڪئي اي ايل باشر پنهنجي ڪتاب "ونڊر ديٽ واز انڊيا" ۾ لکيو آهي ته "دنيا ۾ پهرين زراعت جي شروعات سنڌ جي ڪيرٿر جبل ۾ ٿي جنهن جا مثال اڄ به ٻنين جي صورت ۾ "بابڪ" وٽ موجود آهن. ونگو جبل تي پڻ ڪٽڪ فاسل ٿيل حالت ۾ مليا آهن.

ڪاڪي ڀيرو مل لکيو آهي ته ڪولن سنتالن ۽ ڀيل ڪان پوءِ سنڌ ۾ دراوڙ اچي آباد ٿيا جيڪي ٽئين پٿر واري زماني جي سڀيتا جو بنياد وجهندڙ هئا.

دراوڙن لاءِ ٻه نظريا آهن هڪڙا چون ٿا ته دراوڙ اصل ۾ ڏکڻ هندستان جا رهاڪو هئا ۽ اتان ئي اتر هندستان ۾ ٿلهن آيا جڏهن اهو پلسو خشڪيءَ رستي آسٽريليا سان ڳنڍيل هو.

ٻيو نظريو اهو آهي ته دراوڙ يونوچ سمنڊ طرف رهندڙ قومن مان هئا. اهي پهريون ڪجهه وقت ميسو پوٽاميا (عراق) ۾ رهيا پر بعد ۾ عربن ۽ ٻين سميٽڪ (سامين) انهن کي تڙي ڪڍيو جنهن ڪري بلوچستان واري واٽ وٺي هندستان ڏي آيا اوڏن ۽ بروهين جو تعلق دراوڙن سان آهي.

آسٽريليا ۽ هندستان جي ڳنڍ متعلق ارضيات جا ماهر چون ٿا ته ڪنهن زماني ۾ آسٽريليا کان وٺي انڊونيشيا، هندستان، سنڌ، روس، عربستان، يورپ ۽ برطانيه تائين ڌرتي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هئي اهڙي طرح ڏکڻ آمريڪا ۽ آسٽريليا به پاڻ ۾ ڳنڍيل هئا. پر بعد ۾ ارضياتي تبديلين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سبب اهي علائقا ڏار ٿيا انگريز عالم مسٽر راولسن پروفيسر وان اڪسدٽ جي خيال جي تائيد ڪندي لکيو آهي سنڌو ماٿريءَ جا سڀ کان پهريان آبادڪار اهي ڪارا ماڻهو هئا جيڪي برفاني دؤر ۾ آفريڪا ۽ ملائشيا مان اتي پهتا ۽ ڪنهن حصي تي نه پر سڄي ملڪ ۾ ڦهلجي ويا.

پروفيسر پال سين جو خيال آهي ته "سنڌ ماٿر ۾ سڀ کان پهريان آبادي انهن ماڻهن جي هئي جيڪي ڪوليدي پامندا ٻولي ڳالهائيندا هئا جيڪي انڊو چائنه نسل جي هڪ گروهه "مون گهمير" سان تعلق رکندا هئا".

مسٽر رنگ اچاريه جنهن پري اسٽارڪ انڊيا ۾ آيل سيني خيالن کي ذهن ۾ رکي سنڌو ماٿر جي رهاڪن جو خاڪو هن ريت تيار ڪيو آهي.

پهرين حجري دؤر ۾ هتان جا رهاڪو بلڪه پهريان رهاڪو وڏن متن واري نسل جي ماڻهن جي ميلاپ سان دراوڙن جنم ورتو هجي جن جي اولاد هاٽي جبلن ۽ ميدانن ۾ رهي تي منهن ننڍي نڪ ۽ ڪاري رنگ سبب هاٽي به نيگرو نسل مان لڳن ٿا.

ميلون بي ويدن، ملايا جي ساڪن آسٽريليا جي قديم باشندن سان مشابهت انهن جي آسٽريلوي نسل جي هجڻ جو ثبوت آهي اهو پهريون نسل آهي جنهن کي اسان پري دراويدين دراوڙن کان اڳي جو نالو ڏيون ٿا جيڪي ڪول ۽ منڊا ماڻهن جي هٿان مغلوب ٿيا هئا. جيڪي آسٽريليا کان وٺي اولهه بنگال تائين هڪ ئي وقت ڦهليل هئا تي سگهي ٿو ته اهي ماڻهو ميدي ٽيران (ميڊيٽيرين) هجن هي ماڻهو ماڪڙ وانگر آسٽريليا کان وٺي اولهه بنگال تائين سرزمين تي ڦهليا.

ڊاڪٽر اسٽون ڪنور جو خيال آهي ته!

"اهي ماڻهو سنڌو ماٿر تائين ڦهلجي ويا جن جا سياسي ۽ سماجي اثر ملڪ گير هئا".

مولائي شيدائي دراوڙن لاءِ لکي ٿو ته آڳاٽا دراوڙ هئا جن دکن مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نڪري سنڌ بلوچستان ۾ ڪلدانيا تائين بيٺڪون وڌيون هيون.

محقق رزلي لکيو آهي تہ "برصغير هند جا قديم رهاڪو دروڙيدي آهن جن جو رنگ ڪارو نڪ ويڪرو وار ڪارا ۽ قدري گھنڊيدار ڪارين اکين وارا ۽ قد ۾ بندرا هئا جن سان پوءِ آرين شيدن ۽ مغل قومون گڏجي ويون".

قديم سنڌ ۾ ڪاڪي پيرو مل لکيو آهي تہ "سنڌ جي پٽن ڪي جن اچي آباد ڪيو اهي سنٿال. ڀيلن ۽ منڊلوڪن جا ابا ڏاڏا هئا جيڪي آسٽريليا کان چين ولايت جي واٽ وٺي آسام ۽ بنگال ڏي آيا ۽ پوءِ اتر هندستان ڏي وڌيا. ڪولن ۽ سنٿالن جون ٻوليون آسٽريليا جي ٻولين جي خاندان جي هڪ شاخ ليکجن ٿيون".

اتر اولهہ هندستان جي مختلف نسلي گروهن جي سنگم بابت مشهور محقق اي ايل باشم لکيو آهي تہ: موهن جي دڙي جي جن ڍانچن جو اڀياس ڪيو ويو آهي انهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هڙاپا جا ڪجهہ رهواسي ڊگها، سنڙي نڪ وارا ۽ رومي سمنڊ واري طبقي جا ماڻهو هئا جيڪي قديم وچ اوڀر ۾ دريافت ٿيا آهن. جيڪي هاڻوڪي هندستان جي آباديءَ جا اهم عنصر آهن ٻيو عنصر ابتدائي آسٽريليا جي قديم رهواسين ۽ هاڻوڪي هندستانين جي آبادي جا اهم عنصر آهن ٻيو عنصر ابتدائي آسٽريلين جو هو جن جا نڪ ننڍا ۽ ٿلها چپ هوندا هئا انهن جو تعلق آسٽريليا جي قديم رهواسين ۽ هاڻوڪي هندستان جي ڪجهہ غير مهذب جابلو قبيلن مان معلوم ٿئي ٿو فقط هڪ کوپڙي اهڙي لڌي وئي آهي جيڪا منگوليءَ جي نمائندگي ڪري ٿي ۽ ٻي کوپڙي جيڪا ننڍي آهي ان جو تعلق الپائن سان آهي پانئنجي ٿو تہ ڏاڙهي واري تصوير ۾ ٻئي عنصر شامل آهن پتل جي ٺهيل ناچڻي آسٽريليا سان تعلق رکي ٿي ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ تڏهوڪي زماني ۾ بہ اتر اولهہ هندستان مختلف نسلي گرهن جو سنگم هو.

سبط حسن جو خيال آهي تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سـنڌو ماٿري جا اصل رهاڪو دراوڙ آهن موهن جو دڙو هڙاپا ۽ ٻين هندن جي کوٽائي مان هن وقت تائين 40 ماڻهن جا ڍانچا (پڃرا) مليا آهن. انهن پڃرن جي معائني کان پوءِ محقق ان نتيجي تي پهتا آهن تہ سـنڌو ماٿر جا باشندا قد جا ننداءِ مٿو وڏو، رنگ جا ڪاراءِ وار گهنڊي دار هئا نڪ ويڪرو ۽ نڙو هو چپ وڏا. تلها جيڪي اڳتي نڪتل انهيءَ ڪري چيو وڃي ٿو تہ انهن جو تعلق دراوڙ نسل سان هو.

دراوڙن متعلق ڪاڪو ڀيرو مل لکي ٿو تہ:

نئين پٿر واري سيپتا جو بنياد وجهندڙ دراوڙ لوڪ چوڻ ۾ اچن ٿا ڪولن ۽ سنٿالن جي مٿان اهي لوڪ ڪاهي آيا هئا.

سبط حسن دراوڙن لاءِ لکيو آهي تہ

موهن جي دڙي جي کوٽائي مان ڪجهہ انساني پڃرا (ڍانچا) مليا آهن جيڪي بحر روم جي اپر ندي ساحل جي پراڻن باشندن سان ملن ٿا. هڪ هڏائون پڃرو ڪنهن منگول جو آهي. اهي براهوي ٻوليءَ سان ملندڙ جلندڙ دراوڙي ٻولي ڳالهائيندا هئا.

پاڪستان جي قوميتن تي تحقيق ڪندڙ روسي عالم گنگوفڪسي لکيو آهي تہ اصل دراوڙي فرقو جنهن قديم ترين تهذيب جو بنياد وڌو ان جو پيدائشي رشتو درياهہ سنڌ جي واديءَ ۾ ان آبادي سان ملي ٿو جيڪا اتي جديد بحري دور ۾ رهندڙ هئي هو 2900 سال قبل مسيح ۾ اتر اولهہ جي لڪن ٻولان ۽ خيبر کان لنگهي سنڌ ۾ پهتا.

اي ايل باشم سالن تائين سنڌ ۽ هند تي تحقيق ڪئي ان سلسلي ۾ لکي ٿو تہ:

هڙاپا جي تهذيب ۽ دراوڙن جي ملڪ ۾ جيڪي هندو مذهب جا عنصر مليا آهن اهي ڪافي حد تائين هڪ ٻئي سان ويجهڙائي رکن ٿا. بلوچستان جي پهاڙن ۾ جتي نال ۽ زوب تهذيبن پنهنجا ننڍا ننڍا ڳوٺ آباد ڪيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مثلاً بروهي جيڪي نسلي لحاظ کان ايراني آهن پر پوءِ دراوڙي ٻولي ڳالهائين ٿا ان ڪري ٿي اهو خيال ظاهر ڪيو ويو آهي تہ هڙاپا واسي دراوڙ هئا. هندي ڊاڪٽي علائقي ۾ جيڪو دراوڙي نسل آباد هيو ۽ اجا تائين آباد آهي سو ڪنهن زماني ۾ سنڌ ۽ بلوچستان سان گڏ اتر اولهہ جي سرحدي علائقي تي پنهنجا ڏاڪا ڄمائيندا آيا تيئن دراوڙي قبيلا پوئتي هٽندا ويا.

پري هسٽارڪ انڊيا ۾ ڪانڊول لکيو آهي تہ:

"دراوڙي اصل ۾ توراني آهن جن جو گهر وچ ايشيا ۾ هو ڇاڪاڻ تہ انهن جي ٻولي ۾ سڪتين (شين) ننڪش منگولي ۽ فينش ٻولين جا ڪيترائي الفاظ موجود آهن ۽ انهن ٻولين جا گرامر ۽ لساني خدوخال جو بنياد هڪ جهڙو آهي".

دارا اول جي انهن ڪتبن جن ڪي بهشتون نالي مشهور آهن ۽ اولهہ ميڊيا ۾ آهن اهي ڪتباتن ٻولين ۾ آهن جن ۾ بابلي سڪتي ۽ ميدي ٻولي آهي انهن ڪتبن جي سڪتي ٻوليءَ ۽ دراوڙي ٻوليءَ جو جيڪڏهن جائزو ورتو وڃي تہ معلوم ٿيندو تہ انهن ٻولين جي ڪيتري اختلافن هوندي بہ گهڻن گڏيل لفظن کي ڏسي راءِ ڏجي ٿي تہ دراوڙي ٻولي سڪتي ٻوليءَ مان نڪتل آهي هتي دراوڙ اصل سڪتي نسل جا آهن.

هسٽري آف آرين رول ان انڊيا ۾ مصنف بي هومل لکيو آهي تہ

"جڏهن آريا قبائل موجوده پاڪستان جي اتر اولهہ جي ميدانن ۾ داخل ٿيا تہ اتي دراوڙ قبيلن کان علاوه ٻيون قومون بہ رهنديون هيون ۽ دراوڙ انهن سيني کان گهڻا مهذب ۽ شائستہ هئا انهن وٽ جيڪو ٻهراڙيءَ وارو نظام رائج هو ان کي بنياد بنائي آرين فاتحن پنهنجو نظام لاڳو ڪيو".

ڏيهي ۽ پرڏيهي عالم جو دراوڙن متعلق هي گڏيل رايو بيهي ٿو تہ دراوڙن سنڌ ۾ ٻولان لڪ کان ۽ خيبر لڪ کان داخل ٿيا يعني ٻنهي طرفن کان ٻولان لڪ وارا سنڌ درياهہ جي شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ آباد ٿيا جنهن ۾ هو سنڌ ماٿر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واري مهذب تهذيب جا بنياد وجهندڙ بڻيا. خيبر لڪ وارا اوپر ڏکڻ موجوده هندستان جي سرحد گنگا، جمنا، برهمپترا جي ڪنارن تي آباد ٿي ويا انهن هڙپا جهڙا شهر آباد ڪيا. مجموعي طور سنڌو ماٿر واري تهذيب جا بانيڪار اهي هئا جيڪي آرين جي اچڻ کان اڳ ۾ تهذيب جا خالق، پنهنجي علائقن وارا، شهر ڳوٺن ۽ زمينن ڊڏن جا مالڪ هئا آرين کين سڀ ڪجهه کسيو ۽ هوخانه بدوش ٿي پروارن پناهه گاهن ۾ لڪا جنهن مان سنڌ وارن موجوده بلوچستان جي جبلن ۾ وڃي بسيرو ڪيو ۽ اوپر هندستان وارا دراوڙ اڳتي ڏکڻ ويا. موجود تلنگو، تامل انهن جي اولاد آهن جڏهن ته سنڌو ۽ ڪناري واري وسندڙ دراوڙن جي باقيات بروهي ۽ اوڏ نسل وارا ماڇهو آهن جيڪي بنيادي طور پونچ سمنڊ جا رهاڪو هئا جيڪي عراق ايران کان ٿيندي توران مان سنڌ ۾ داخل ٿيا.

ڪاڪو ڀيرو مل دراوڙ نسل مان اوڏن بابت قديم سنڌ ۾ لکي ٿو ته "سنڌ ۾ هن وقت جيڪي "اوڏ" آهن سي اصل دراوڙن جي ڪل مان آهن اهي اصل ڏکڻ هندستان ۾ هئا. اتر هندستان ڏي اچڻ کان اڳ وات تي جيڪو هند اول وسائي ويٺا سو هند سندن نالي پٺيان "اوڊر ديش" سڏجڻ ۾ آيو جنهن جو اچار قري اوڙيسا (Orissa) ٿيو بمبئي ڪاتي جي ذاتين جو ذڪر ڪندي هي ۽ تحقيق اينٿون صاحب چاٿائي آهي. انهن اوڏن مان ڪي مارواڙ ويا. جتان پوءِ سنڌ ۾ آيا پر ٻولي اڄ تائين مارواڙين جهڙي ڳالهائيندا آهن اهي اصل هندو آهن پر اڪثر مسلمانن جهڙي شڪل اٿن ۽ ڪپڙا به اهڙا ڍڪيندا آهن سندن پير رامڏيو آهي جنهن جو ميلو سال بسال لڳندو آهي "اوڏ" لفظ جي بنيادي معنيٰ آهي "اڏيندڙ" اهي اڄ تائين پٿين جون اوساريون ڪڻندا آهن". (قديم سنڌ صفحه 86)

ڪاڪو ڀيرول مل ماگر (ماجر) ذات جي مهاڻن کي به دراوڙن مان ڳڻتي ٿو ۽ لکي ٿو ته:

سنڌ ۾ هن وقت ڀيا ماگر (ماجر) ذات جا مهاڻا آهن اهي سنڌ جي آڳاٽن دراوڙن جو اولاد آهن يا پوءِ ڏکڻ هندستان کان آيا سا پڪ ڪانهي. ايترو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

معلوم ٿئي ٿو ته ڪيترين صدين کان سنڌ ڪڇ ۽ گجرات جا وڻجارا، ملبار طرف وڻج واپار لاءِ ويندا هئا اچ ب مغلين تعلقي جاتي ڪڇ ڀڄ ۽ گجرات طرف جا مير بحر ڏنگيون هاڪاري ملبار طرف ڀيا وڃن ماڱر ذات جا مهاڻا ملبار طرف گهڻا آهن جنهن ڪري چئبو ته ملبار ڪناري وارن سان لهه وچڙ هئڻ ڪري اهي سنڌ ۾ آيا هجن ته عجب ڪونهي. (قديم سنڌ صفحه 86)

اياز پاڳت سنڌ ۾ ٻاهران آيلن واري نظريي کي رد ڪندي لکي ٿو ته:

هاڻي اهو خيال، راءِ ۽ مفروضو رد ٿي چڪو آهي ته سنڌ کي آباد ڪندڙ ٻاهر کان آيا هئا ۽ ڌرتي تي ڪنهن به انسان ذات جو وجود ڪونه هو. هتي حضرت آدم عليه السلام کان وٺي اڄ تائين ڌرتي انسانن جو گهوارو رهي آهي. هن ڌرتيءَ کي ڪنهن ڌاري قوم اچي آباد ڪونه ڪيو آهي.

محقق اياز پاڳت ذاتين، قومن ۽ قبيلن جي انسائيڪلو پيڊيا مهراڻ پبلشر ڪراچي ڇاپو پهريون 2018ع (صفحه 50)

فادر ايچ هيريس لکيو آهي ته

"هي سمجهيو ويو آهي ته هڙاپا جا باشندا قديم آسٽريلوي نسل سان تعلق رکن ٿا جو هڪ ئي وقت سنڌ سلطنت جي ايراضيءَ تي حاوي ٿي ويو هو ۽ بحر رومي نسلي اثر هيٺ دبيل هو سنڌ ماٿر جي حدن ۾ تهذيب جا عنصر ڪٿي گهٽ وقت اڳ آيو هو بعد ۾ وڏيڪ حملن جي زور ڪري هي بحر رومي عنصر سڄي نندي ڪنڌ ۾ ڦهلجي ويو ۽ ڏيهي عالمن سان ملي جلي دراوڙ بڻجي ويا".

انساني نسل بابت آرنلڊ ٽائن بي لکي ٿو ته

"نسل جي اصطلاح جو مطلب اهو آهي ته انسانن جي ڪنهن خاص گروهه ۾ چند امتيازي وصفون جيڪي انهن جي ماءُ پيءُ ۽ جاءِ نشينن جي ميراث طور منتقل ٿينديون هجن. نسل جو هي گمان ڪيل وصفون جن جو اسان کي هتي سروڪار آهي اهي متانهين نفسي يا روحاني خصلتون جيڪي مختلف معاشرن جي فطرت ۽ جبلت ۾ داخل سمجهيون وينديون آهن. پر نفسيات خصوصاً گڏيل نفسيات جو علم اڃا ابتدائي مرحلي ۾ آهي ۽ نسل کي تهذيب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي پيدا ڪرڻ جو هڪ عامل قــرار ڏيندي جيترا بحث ٿيا آهن اهي ان مفروضن تي مبــني آهن قابــل قــادر ۽ نفســي عادتون ۽ مزاج ۽ ڪن ٻاهرين جســماني طبيعتن ۽ تاثير جي وچ ۾ گهرو تعلق آهي ذهني بدتري ڪنهن ڪنهن طريقي سان چمڙيءَ ڪي رنگ ۽ روغن سان وابستہ آهي انهيءَ ڪري انهن ٻنهي جي وچ ۾ بہ واقعي هڪ علائقو آهي جڏهن تہ حياتيات جي نقطءِ نظر سان هي ڳالهہ غير يقــيني معلوم ٿئي ٿي. جيئن تہ تهذيب جي نســـلي نظرين ۾ سڀ کان وڌيڪ هر دلعزيز نظريو اهو آهي جنهن ۾ اڇي چمڙيءَ واري نسـل جي ســونهري وارن، ڀورين اکين ۽ وڏي متي وارن ماڻهن کي مٿانهين تي رکيـو ويـو ڪـن انهن ماڻهن کي ناربڪ (جرمن نسل) چيو. نسشي ان کي ڀوري رنگ وارو حيوان نالو ڏنو".

رما شنڪر جو رايو

"انساني هڏاون پنجرن جي باقيات ان ڪانسواءِ بہ مجسمن جا سرجن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هڙاپا ۽ مهين واري شــهرن جي آبــادي هر رنگ ۽ نســل جي ماڻهن تي ٻڌل هئي جن ۾ چار مختلف نسـل ملن ٿا. يعني اصلي آســٽرو لائڊ، بحروم وارا، الپي، منگول انهن چئن مان ڪهڙي نســـل وارا ســـندو ماٿر واري تهذيب جا باني هئا ۽ ان سوال جا مختلف جواب ڏنا ويا آهن هڪ خيال اهو بہ آهي ، اهل ســنڌ آرين جي اچڻ کان اڳ ڪهڙي نســـل ســـان تعلق رکندڙ هئا. جن جي تهذيب کي آرين تباهہ ڪيو هو".

محقق ڊاڪٽر گستاولي بان لکي ٿو تہ:

دراوڙ قــوم هند ملڪ جي قــديم باشــندن ۽ زرد رنگ جي قــومن جي ميلاپ سان پيدا ٿي آهي، جيڪي پرهمپترا جي طرف کان هندستان ۾ آيا هئا. ۽ پوءِ انهن ۾ توراني جيڪي اتر اولهہ کان آيا ۽ شــامل ٿي ويا مطلب تہ انهن جي ٻــٽي ميلاپ ســان دراوڙ آهن ۽ اهي ٻــن گروهن ۾ ورهايل آهن ڀهريان اهي جن ۾ اصلي باشــندن جو جزو وڌيڪ غالب آهي جنهن کي بـــہ دڙاويدين چيو وڃي ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪي پرو دراوڙ ۽ توراني قوم جي ميل سان ٺهي آهي اها خاص دراوڙ آهي.

سر هربرٽ رسلي ان نظرئي کي رد ڪري ٿو ته دراوڙ منگول نسل جا آهن ۽ لکي ٿو ته:

"اهو خيال بنيادي طور ان ڪري ناقص آهي ته تبت جي ماڻهن جو رنگ پيلو ۽ اڇو آهي ۽ منهن جي هڏي نڪتل آهي جيڪڏهن دراوڙ منگول نسل جا هئا ۽ تبت کان آيا هئا ته هنن جو رنگ پيلو (ڦڪو) هجي ها! ۽ منهن جي بناوٽ به انهن سان مشابهت رکي ها! ان جي ابتڙ دراوڙن جو ڪارو رنگ انهن لاءِ ۽ انهن کان پوءِ ايندڙ آرين جي نزديڪ هڪ غير معمولي عيب هو".

انڊرا پالا پي جي ماهر ريشيوهيل لکي ٿو ته:

"دراوڙ آسٽريليا جي قديم نسل سان تعلق رکن ٿا جن ۾ ٻولي ڪانسواءِ ڪيترين ڳالهين هڪجهڙيون آهن جيڪڏهن اهو تسليم ڪجي ته سنڌو سلطنت واري دؤر ۾ دراوڙ نالي نسلياتي گروهه رهندو هو. جن جي باقيات مان تامل، تلنگو، بروهي ۽ اوڊ آهن ته سوال ٿو پيدا ٿئي تامل، بروهي ۽ اوڊ ۾ ايڏو وڏو فرق ڇو آهي تامل ڪارا، اوڊ ڪٽڪ رنگو ۽ بروهي ڳاڙهو ۽ اڇو ٿئي ٿو، جتي عموماً موسمي حالتون هڪ جهڙيون رهن ٿيون پوءِ انهن ۾ جسماني ۽ رنگ جو فرق ڇو آهي"؟

دراوڙ لفظ جو ڇيد اياز پاڳت هن طرح ڪري ٿو ته:

سنڌي ٻوليءَ موجب هو ٻن لفظن در ۽ آوڙ جو مرڪب آهي جنهن جي معنيٰ ٿئي ٿي در معنيٰ گهر، گهر ٻاهران، ٻاهر کان ملڪ کان ٻاهريون آوڙ معنيٰ آيل، آندل، ٻاهر کان گهرايل، غير ملڪي، ڌاريو. (صفحه 54)

وي اي سمٿ درويد جي لفظي معنيٰ لکي آهي ته مٺو ۽ سهڻو.

اياز پاڳت لکي ٿو ته "عالم ۽ تاريخدان نه ڄاڻ ڪهڙي حقيقت ۾ دراوڙ لفظ انهن لاءِ ڪتب آندو ويو هو جيڪي ٻاهران مزدوري ڪرڻ جي سانگي خوشحال سنڌ سلطنت جي شهرن ڳوٺن ۽ ٻهراڙين ۾ آيا هئا". (ص58)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مولائي شيدائي جنت السنڌ ۾ لکي ٿو تہ:

"دراوڙن کان اڳ سنڌ اتر هندستان ۽ بلوچستان ۾ ڪول ۽ سنٿال قومون رهنديون هيون جن کي دراوڙن لوڏي ڪڍيو هو دراوڙن پهريان ئي پونچ سمنڊ جي ڪناري کان نڪري ڪالديہ (عراق) ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئي ۽ پوءِ بلوچستان کان سنڌ ۾ وارد ٿيا يا پهريان ئي هندستان کان نڪري پوءِ عراق ۽ پونچ سمنڊ جي ڪناري تي پهتا اهو مسئلو اجا تائين محقق حل ڪري نہ سگهيا آهن. ايترو چئبو تہ سنڌ ۾ پهريان ئي بلوچستان کان وارد ٿيا هئا جنهن جي ثبوت لاءِ دراوڙي الفاظ بروهين جي "ڪرگالي" زبان ۾ اجان سوڙو شامل آهن".

محترم اٿو ميل ڪتاب Dancing Shedow ۾ لکي ٿي تہ:

يورپ جا ڪيلٽڪ (Caltic) نسل جا ماڻهو دراوڙ هئا جيڪي سامونڊي سفر جا ماهر ۽ شوقين هئا.

مولوي نور محمد دراوڙن بابت لکي ٿو تہ:

قديم دؤر کان وٺي دراوڙ واپس آيا ان دور کان وٺي سن 790 هجري تائين بي مذهب رهيا (حقيقت ۾ دراوڙ جي معنيٰ آهي مذهب کان دور) ۽ سن 790 هجريءَ ۾ دين اسلام اختيار ڪيائون.

ڄاموٽ حاجي خان چاچڙ سنڌي دراوڙ کي لقب طور ڄاڻائي ٿو:

طوفان نوح کان گهٽ پوءِ 1050 قبل مسيح ۾ مذهبي طور ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي ويا انهن فرقن مان هڪ کي آريا تہ ٻئي دراوڙ سڏيو ويو اهي پهريان مذهبي فرقا ۽ پوءِ صفاتي لقب ٿي ويا، آريا بي معنيٰ مقصد هو خدا تعاليٰ جي وحدانيت جا پيروڪار ۽ دراوڙن جو مفهوم هو دين کان دور ويل.

سن 85 تاريخ حضرت سنڌ ڀاڱو چوٿون جلد پهريون حضرت سنڌ اڪيڊمي ڪنڊڪوٽ دسمبر 2014

دراوڙن متعلق جيڪي رايا عالمن ڏنا آهن انهن جي روشنيءَ ۾ جيڪي وڏيون ذاتيون اڄ بہ سنڌ ۾ رهن ٿيو جن کي دراوڙي ڪل واريون ذاتيون يا انڊ دراويدين چيو وڃي ٿو تن جي باقيات اوڏن، بروهين ۽ مهاڻن جي روپ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڄ بہ سنڌ جي هر حصي ۾ موجود آهي، سما قبيلن لاءِ سڏو تہ نٿو چئي سگهجي تہ اهي چند يا اصل دراوڙي ذات آهي چو تہ ان ذات ۾ انبو آرين رت جو ميلاپ دراويدين رت جي پيٽ ۾ گهٽو آهي پوءِ بہ سنڌ جي تمام قديم ذات هجڻ ڪري انهن جو ذڪر لوڏن، بروهين ۽ مهاڻن ڪان پوءِ ڏجي ٿو.

اوڏ

واديءِ سنڌ ۾ لوڏن ڪي ڪير نہ سڃاڻي؟ آلي مٽيءِ جي چاٽن مان پٽيون ٺاهڻ سندن قومي پيشو آهي. ان ڪري سنڌي زبان ۾ محاورو آهي تہ، "لوڏ مٽيءِ جا ڪوڏ!" لوڏ ڪي اڏلوت ڪرڻ جو طريقو ساري بر صغير مشرق وسطيٰ يعني سنڌ جي ٿر ڪان وٺي صحراءِ اعظم آفريڪا جي ڪنارن جي ملڪن تائين عام آهي. ان ڪري وڏي وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ، جڏهن آدم ذات تاريخ جي قديم شڪاري دور مان نڪري، يعني غارن ۽ چُرن مان نڪري، سمنڊن، دريائن ۽ ڍنڍن جي ڪنارن تي آباد ٿيڻ شروع ڪيو هو تہ حضرت انسان پاڻ ڪي جهنگلن ۽ ٻيلن ۾ رهندڙ شڪاري جانورن جي حملن ڪان بچائڻ ۽ پنهنجي شڪار ڪيل جانورن جي گوشت ڪي سانڍي رکڻ لاءِ ڇپرن جي بجاءِ ڳوهيل مٽيءِ مان گهرن ٺاهڻ جو هنر ايجاد ڪيو هو. جنهن درجي ڪان اڳتي هلي حضرت انسان سرون ٺاهڻ ۽ باهہ ڪي ڳولي لهڻ ۽ ان ڪي استعمال ڪري سرن ڪي پچائي پختن ۽ ديرپا گهرن ٺاهڻ جا هنر ايجاد ڪري ورتا هئا ۽ هو هينئر واهڻن جي بجاءِ ڳوٺن ۽ وڏن واهڻن ۽ شهرن ۾ رهڻ لڳو هو. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ لوڏ ڪي اڏلوت ڪرڻ جو هنر، غارن ۾ رهڻ ۽ پڪي اڏلوت ڪري گهر جوڙي رهڻ جي وچ وارو عبوري دور آهي.

علم الانسان جي عالمن جي تحقيق موجب لوڏ قبيلا روزگار جي سلسلي ۾ بحيره روم جي ڏاکڻي ڪنارن وارن ملڪن مان هجرت ڪري ڪندا اچي واديءِ سنڌ ۾ رهيا هئا. سندن قد ڪاٺ، چهرو مهرو ۽ خد و خال ڏيکاري ٿو تہ سندن نسلي تعلق آسٽريلوي يا آريہ نسلن سان نہ پر سامي نسل سان آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منجهن اچ بہ سامي نسل وارين قومن واريون عادتون ۽ اطوار، رسمون ۽ رواج موجود آهن.

اوڏ هندن جي رواج جي خلاف مسلمانن وانگر گهٽيون شاديون ڪندا آهن منجهن ماءُ، پيڻ، ناني، سَس، پڦي، ماسي، پائنين ۽ پاٽيجن سان شاديون نہ ڪندا آهن، پر ماساتن، پڦاتن، ماروٽن، سوٽن سان شاديون ڪرڻ وٽن مباح آهي. ودوائن ڪي شادي نہ ڪرائڻ جو وٽن رواج نہ آهي ۽ نہ وري هندن وانگر سندن محرمن جو دائرو ستن گوترن (پيڙهين) تائين وجي ٿو. اوڏ مرد ۽ زالون پاڻ گڏجي پورهيو ڪندا آهن. مرد فقط مٽي گڏين ۽ پٽين جي اوساري ڪن. باقي پيو سمورو گهرو خواهہ پاهريون ڪم ڪار عورتون ڪنديون آهن. اوڏ عورت جي سخت جاني ۽ مڙس سان جنسي وفاداري ضرب المثال آهي. اوڏ مرد ڌوتي ۽ انگرکو پائين ۽ مٿي تي پگ پائيندا آهن. عورتون وڏو جهولدار پڙو ۽ ڪنجري پائينديون آهن. هو سون جا زيور ورلي پائين. سندن گهڻو (زيور) گهڻو ڪري چاندي جا هوندا آهن.

اوڏ نہ مال جا ڌڻ ڌارين ۽ نہ وري هاريو ڪن. ان ڪري منجهن زمين حاصل ڪرڻ جو ڪو بہ خيال پيدا نہ ٿيو آهي. ڪاشت ڪاري ۽ ڌڻ ڌارڻ ڪان پري رهڻ جي ڪري منجهن چوري ۽ زوري ڪرڻ جو ڪو بہ رواج پيدا نہ ٿيو آهي. البتہ مسلمان سندن چوريون ڪندا آهن ۽ پُنگ وٺي ڪين موٽائي ڏيندا آهن. پڪا گهر نا هي ڳوٺ ٻڌي ويهڻ جو رواج پڻ منجهن نہ پيو آهي. هو پکن ۾ رهندا آهن. ان ڪري سندن گهرو سامان پڻ مختصر هوندو آهي. ان ڪري ڪين ڏنڊي ڪرڻ خاطر هڪ هنڌان ٻئي هنڌ لڏي وڃي رهڻ ۾ ڪا بہ تڪليف نہ ٿيندي آهي. منجهن ڪورٽن ۾ وڃي مقدمي بازي ڪرڻ جو رواج نہ هجڻ جي برابر آهي. سندن فيصلا پنچائت ڪندي آهي. پنچائت جي فيصلي کان منهن موڙڻ جي مجال ايا ڪنهن اوڏ ڪٽنب ۾ پيدا نہ ٿي آهي. پنچائت وقت مرد ۽ عورتون پاڻ گڏجي ويهندا آهن ۽ عورتن کي ان ۾ ڳالهائڻ جو پورو پورو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اختيار حاصل هوندو آهي. سندن نياتن ۾ مرد مُکي هوندو آهن. جيڪي گهڻو ڪري موروثي هوندو آهن.

وٽن زمين ۽ مال جي ڌڻن جي نه هجڻ ڪري منجهن عورت ڪي غلام رکڻ، ان لاءِ پاڻ وڙهڻ ۽ تڪرار ڪرڻ جا مثال ورلي ٿيندا آهن. زمين ۽ مال جي ڌڻن نه هجڻ ڪري وٽن مڪمل مساوات آهي. ان ڪري مٿن نيڪ مرد يا مُکي جي هٿان ظلم ڪرڻ جو ڪوبه رواج پڻ پيدا نه ٿيو آهي. زمين جي نه هجڻ ڪري سندن قومي روايتن ۾ عورت کي وڏو احترام ۽ عزت حاصل هوندي آهي. سندن معاشري ۾ سماجي آزادي هجڻ جي ڪري سندن گهر تي مرد جي نه پر عورت جي حڪمراني هوندي آهي. مرد جو عورت تي ضابطو نه هجڻ جي برابر محض زباني طور تائين محدود هوندو آهي. عورت جي مرد سان مساوات جي ڪري وٽن شاديون به سوليون ۽ طلاقون به سوليون هونديون آهن. انهيءَ ڪري اسان واري معاشري جي بلڪل برخلاف ڪنهن اوڏ جو پنهنجي مڙس جي هٿان قتل يا زخمي ٿيڻ جا مثال پڻ اٽلپ هوندا آهن. وٽن ڪنهن نوجوان عورت جو غير شادي شده ۽ انهيءَ برڪ عورت جي مرضي ۽ خواهشن موجب سندس زير اثر ڪٽنبن کي خرچ پکو ۽ قرض ڏيندا آهن. جيڪڏهن اها برڪ عورت ڪنهن سبب ڪان انهيءَ زميندار کان ناراض ٿي پوندي آهي يا سندس زمين کي ڇڏي وڏيڪ سهولت واري زميندار جي آبادي ڪرڻ گهرندي آهي ته سمورا ڪٽنب ۽ ويڙهو سندس حڪم تي انهيءَ زميندار جي زمين ڇڏي ڪنهن ٻئي زميندار جي وڃي زمين آباد ڪندا آهن. منجهن مستقل طور تي ڳوٺ ٻڌي ويهڻ جو رواج نه پيو آهي، ان ڪري هو پڪيون جايون نه اڏائيندا آهن. انهن قبيلن ۾ اسين گهرن جي اندر يا گهرن کان ٻاهر معاملن ۾ عورت جي حڪمراني ڏسون ٿا.

دراوڙ قبيلن ۾ پڻ اوڏن وانگر مردن ۽ عورتن ۾ مساواتي هوندي آهي. عورت جي آزادي ۽ حڪمراني جي ڪري، وٽن عورتن تان پاڻ ۾ يا ٻين سان وڙهڻ، تڪرار ڪرڻ ۽ مقدمي بازي جو رواج نه آهي. اوڏن وانگر منجهن به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنچائت جو رواج آهي. جنهن ۾ عورتن کي مردن سان گڏجي ٻهرو ونڊ جو حق آهي. مسلمانن ۾ مرد جو فيصلو حرف آخر هوندو آهي. دراوڙ قبيلن ۾ عورت جو فيصلو حرف آخر هوندو آهي، عورتن جي آزاد هجڻ ڪري دراوڙ عورتن جي بهادري مشهور آهي. اوڏن وانگر هو جهيڙي جهٽي کان پري رهندا آهن. پر ڪنهن جهيڙي جي حالت ۾ دراوڙ قبيلن جون عورتون، اسان جي عورتن وانگر گهرن ۾ ويهي مردن جي فتح لاءِ دعائون نه گهرنديون آهي، پر وڏي همت بهادريءَ سان مردن سان ساٿ ڏينديون آهن. جيڪڏهن دشمن ڪاٺن هٿيارن ۾ اڳرو نه هوندو آهي يا تمام وڏي انداز ۾ نه هوندو آهي ته دراوڙ عورتن جي لٺ وهائڻ جو نظارو ڏسڻ لائق هوندو آهي.

دراوڙ معاشري ۾ عورت ۽ مرد ۾ مساوات هجڻ جي ڪري سندن شاديون به سوليون ۽ طلاقون به سوليون ٿينديون آهن. ڪنهن بيوه يا مطلقه عورت جو غير شادي شده حالت ۾ رهجي وڃڻ جو مثال ورلي ملندو آهي. طلاق جي حالت ۾ ٻارن تي ماءُ جو حق تسليم ڪيل هوندو آهي. پر گهرو سامان، مال ملڪيت مرد کي ملندا آهن. ان ڪري ٻارن جي پالنا ڪرڻ لاءِ دراوڙ عورت کي هڪدم ٻيو پرڻو ڪرڻو پوندو آهي. معاشري ۾ عورت جي حڪمران هجڻ جي برابر هوندو آهي. گهڻن عورتن سان شاديون ڪرڻ وٽن هڪ عام ڳالهه هوندي آهي ۽ ان ۾ مٽي مائٽي ڪرڻ يعني شادي ڪرڻ لاءِ خون جي رشتن واريون بندشون تمام نرم ۽ گهٽ هونديون آهن. سواءِ سڳين مائرن ڀينرن جي باقي ٻيا سمورا سڳ وٽن مباح هوندا آهن.

سنڌ ۾ عام طور تي مشهور آهي ته، سندن رواج موجب زال جي ڀينرن ۽ مڙس جي ڀائرن سان جنسي ميلاپ ڪرڻ کي برو نه ليکيو ويندو آهي. ساڳيءَ ريت سهرن لاءِ نهرون ۽ نائين لاءِ سس سان جنسي ميلاپ ڪرڻ تي ڪو به خاص اعتراض نه واريو ويندو آهي. بشرطيڪ اهڙيون عورتون ان کي پاڻ پسند ڪنديون هجن ۽ اعتراض نه ڪن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ مسلمان معاشري جي زيردستي هيٺ اچي وڃڻ بعد هو ظاهري طور تي انهن حقيقتن جي برملا طور تي اعتراف ڪرڻ کان نٽائين ٿا. پر اهڙا مثال ۽ رواج حقيقتون هونديون آهن. شادين ۽ ٻين خوشين جي موقعن تي هي قبيلا ڇڙواڳ جنسي ميلاپ ڪرڻ سان خوشيون ملهائيندا آهن.

ابوبڪر خان مگسي لکي ٿو ته " مون کي منهنجي هڪڙي ڪولهي هاري هڪڙي شادي ۾ شريڪ ٿي جنسي ميلاپ جي مزن وٺڻ جي دعوت ڏني هئي. دعوت ڏيڻ کان اڳ ۾ هو سمورين عورتن جي اجازت ۽ راضپو وٺي آيو هو. مون ڪائنس پڇيو هو ته، انهيءَ جنسي ميلاپ ڪرڻ وقت عورتن جا پيئر، ڀائر يا مڙس يا سندن عورتون ڇو اعتراض نه ڪنديون آهن؟ هن جواب ڏنو ته، اسين سڀ پاڻ ۾ مائٽ آهيون. اسان وٽ مائٽن ۾ اعتراض نه ٿيندو آهي. اسان فقط ڪنهن ڌارئي يعني غير مائٽ تي فقط دل ۾ رنج ٿيندا آهيون، پر هن سان وڙهندا نه آهيون، بشرطيڪ عورت پاڻ راضي هجي. اهي رواج ڏيکارين ٿا ته وٽن اجا مادرانه حق وارو نظام گهٽي قد قائم آهي".

اسان جي فاضل مصنف مسٽر اينگلس دنيا جي ٻين قومن جا ڪيترائي مثال ڏنا آهن. مثلاً: آسٽريليا بحرالڪاهل جي جزيرن، اتر قطب جي اسڪيمو قبيلن ۽ آمريڪا جي ريڊ انڊين قبيلن ۾ مادرانه حق جي ڪري معاشري ۾ عورت جي حڪمراني جو رواج آهي. منجهن نه رڳو ويجهن رشتن، مثلن اولاد ۽ پيءُ ماءُ جي وچ ۾ جنسي ميلاپ ڪرڻ جو رواج آهي. پر هندوستان ۾ تبيت هڪ عورت گهڻا مرد واري شادي به رائج آهي. انهن سمورن قبيلن ۾ هڪ ڳالهه مشترڪ يا گڏيل طور تي ملي ٿي ته هي قبيلا اجا به شڪاري ۽ نيم زرعي دور ۾ هلندڙ قبيلا آهن. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته اسان وارو معاشرو پڻ شڪاري ۽ نيم زرعي دورن ۾ انهيءَ رواج مان ضرور لنگهيو هوندو ۽ زراعت جي پيدا ٿيڻ بعد مادرانه شجري کي ترڪ ڪري پدرانه شجره ۾ داخل ٿيو آهي ۽ مادرانه شجري جي جاءِ تي پدرانه شجري ۾ مرد جي حڪمراني پيدا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي آهي.

ملڪ ۾ معاشري جي ٻولي ثقافت جي ارتقا جي درجن جي عڪاسي ڪندي آهي. ٻولي کان وڌيڪ ٻيو ڪو به تاريخي رڪارڊ نه هوندو آهي. اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ ان جا آثار موجود آهن. مثلن ڏير معنيٰ مڙس سان شامل ٻيو مڙس يا ور. خود وَرُ لفظ جي معنيٰ آهي ورِي ورِي اچڻ وارو. يعني گهٽ ۾ گهٽ مڙسن مان وري وري اچڻ وارو مڙس يعني سيني کان وڌيڪ پيار ڪندڙ مرد ۾ ڏير ٻيو مڙس هوندو آهي. مڙس جو پاءُ ۾ جمع پائر. ساڳيءَ طرح هڪ مڙس جون گهٽيون زالون هڪ ٻئي کي ساهيڙيون يعني هڪڙي ساهڙ جون زالون سڏينديون هيون. هينئر سنڌي زبان ۾ سنڌي زالون محاوري طور فقط دوست زالن کي ساهيڙيون سڏين ٿيون. سريت جو لفظ خاص زراعت پيشي يعني زميندار جي هاري يا پورهيت جي زال لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي. جيڪي پنهنجي شادي ڪيل زال يا زالن سان گڏ محض جنسي عياشي لاءِ پورهيت طبقي جي زالن کي پنهنجون سريتون ڪري رکندا آهن ۽ کين باقاعده طور ڪاڏو پيتو، ڪپڙو لٽو، گهر گهاٽ مهيا ڪندا آهن. سريتن جا زميندار ۽ جاگيردار سريتن جي پنهنجن مڙسن سان جنسي ميلاپ ڪرڻ تي ڪو به اعتراض نه ڪندا آهن. ٻئي ڌريون پاڻ ۾ پائي پائي تي رهندا آهن. ساڳي ريت سريت جي مڙس کان سواءِ ساڻس جنسي ميلاپ ڪندڙ دلپسند مرد کي يار چئبو آهي ۽ هو به يار تان قربان ٿيڻ لاءِ تيار هوندي آهي.

بروهي

اڳوڻي بلوچستان ۾ بروهي يا براهوي سيني کان گهٽا آهن. حاڪم گهراڻا ان ئي قبيلي مان آهن. هو پنهنجي ۽ بلوچن جي وچ ۾ فرق ڪرڻ لاءِ بلوچن کي "نارئي" يعني هيٺاهين پٽ وارا سڏيندا آهن. مئسن جو خيال آهي ته براهوي متان "باروهي" جي بگڙيل صورت هجي، جنهن جي معنيٰ آهي "سيج وارو" اهڙي ريت اهي به نالا متان هڪ ٻئي جي فرق ڏيکارڻ لاءِ ڪم ايندا هجن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اٿين جيئن "متاهين پٽ وارو" ۽ "هيناهين پٽ وارو" پين صاحب جي خيال ۾، براهوي "براهو" مان نڪتل آهي، عام طرح ابراهيم نالي کي ننڍو ڪري "براهو" ڪوٺيندا آهن. انهيءَ عجيب قبيلي جي بڻ بڻياد بابت ڪافي قياس آرائيون ڪيون ويون آهن. سندن ٻولي بروهڪيءَ جو بلوچيءَ سان ڪو لڳ لڳاپو ڪونهي ۽ وڏا مستند عالم ان کي دراوڙي نسل جي ٻولي سمجهن ٿا. ٿئي وڏي ۾ وڏا بروهي قبيلا، سندن پنهنجن لفظن ۾، جدگال يعني جٽ سڏيا وڃن ٿا، جڏهن ته مڪران ۾ بروهين کي عام طرح "ڪُرد" ۽ سندن ٻوليءَ کي "ڪُردي" ڪوٺيو وڃي ٿو. هو سني آهن پر چيو وڃي ٿو ته منجهن ڪي ٻه سيد، پير يا مُلا ڪونهن ۽ بلوچن کان گهٽ تعصبي آهن. هو ويس وڳي، ريتن رسمن ۾ بلوچن کان ڪي گهڻا مختلف ڪونهن، سواءِ ان ڳالهه جي ته سندن عورتون نير جون شوقين آهن، جو رنگ بلوچ ڪونه پائن. بلوچ کين گهٽ سمجهندا آهن. سندن اصل نسل بابت صادق علي چوي ٿو: "افغان جيان بروهي به بني اسرائيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ سندن حشر به اهڙو ٿي ٿيو، جهڙو افغانين جي وڏن جو بابل جي بادشاهه بخت نصر جي دؤر ۾ ٿيو هو. 600 ق.م ڌاري هنن بلوچن جي ٽڪرن ۾ اچي پناهه ورتي هئي ۽ اجا تائين اتي رهندا اچن ٿا. سنڌ ۽ بلوچستان علائقي ۾ "ابراهيم" نالو عام طرح "براهيم" ڪري اچاريو ويندو آهي. بروهين جي ان پهرين وڏي جو نالو آل "براهو" هو. سندس پوين کي "براهئي" سڏيو ويو، جنهن جي معنيٰ آهي براهو جا پوٽا. هڪ ٻئي بيان موجب هو حلب کان آيا ۽ بلوچستان ۾ اچي ويٺا. انهن ۾ هڪڙو پريو مڙس مير ابراهيم خان نالي هڪڙو همراهه هو جنهن کي سردار ڪٿي ڪيائون. يا پائنجي ٿو ته جهن سندن وڏا بخت نصر جي صاحبيءَ ۾ يروشلم کان پڪا هئا ته اچي حلب ۾ ويٺا هئا ۽ عربستان جا اصل رهاڪو نه هئا. سڀ بروهي زالفائون گهگهو پائيندڙون آهن، پر هڪ خاصيت اهڙي آهي، جا ٻنهي قبيلن ۾ وڏو فرق قائم رکي ٿي. سڀ بروهي عورتون هميشه نير ۾ ڳوڙها رنگيل گهگها وڏي شوق سان پائينديون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن. جڏهن تہ مٿينءَ سنڌ ۾ بلوچستان علائقن ۾ بلوچن جون زائفائون توڙي مرد نير ڈنل يا ڪوبہ ٻيو ڪارو ڪپڙو ڪڏهن ڪونہ پائن. صادق علي چوي ٿو تہ: "مون ڪي بروهي عورتن جي ويس ۽ تصويرن ۾ جارجيائي چوڪرين ڪي لوڊيل ويس جي وچ ۾ اڪثر وڏي مشابهت ڏسڻ آئي آهي. جنهن مان مون اڪثر ائين ڄاتو آهي تہ بروهي اصل جارجيا مان آيا هئا. چو تہ سنڌن ٻوليءَ جو افغانيءَ يا بلوچن جي ڪنهن بہ ٻوليءَ سان ڪو لڳ لاڳاپو ڪونہ آهي. بروهين منڌ ۾ ٻن ٽاڪرو چپرن ۾ پناهہ ورتي هئي: هڪڙو ساراوان يعني چوٽيءَ وٽ ٽڪرن جو چپر ۽ ٻيو جهالاوان يعني "تري وٽ ٽڪرن جو چپر" هو هميشہ ٻن مختلف سردارن جي هٿ هيٺ رهيا آهن.

1941ع ۾ سنڌ علائقي اندر رهندڙ بروهين جو تعداد 82،326 ڳڻيو ويو. پر بروهين جي آدم شماريءَ جو صحيح انگ معلوم ڪرڻ ڏکيو آهي، چو تہ نرالي نموني جا لاڏائو آهن. سنڌ علائقي ۾ جيڪي بروهي ڳڻپ هيٺ آندا ويندا آهن، تن ۾ هميہ دائمي طرح رهندڙ بہ هوندا آهن تہ ٿوري وقت لاءِ لڏي آيل بہ. انهيءَ لڏ پلاڻ جا ٽي قسم آهن: ميعادي، نيم دائمي ۽ دائمي. وڏي ڏکيائي ميعادي لڏي ايندڙن جي ڳڻپ ڪرڻ ۾ درپيش اچي ٿي، چو تہ هيءَ لڏ پلاڻ گهٽ ڪري ڳڻپ واري وقت ٿيندي آهي. از انسواءِ سنڌ علائقي ۾ نيم دائمي رهواسيءَ جي خاطري ٿيڻ بہ ڏکي آهي، چو تہ ڏنو ويو آهي تہ ڪيترا بروهي ايندا تہ ٿوري وقت لاءِ آهن، پر پوءِ هميشہ لاءِ رهي پوندا آهن. مسٽر لئمبرڪ چوي ٿو تہ ڳڻيندڙن لاءِ انهن ماڻهن ڪان جي عام طرح شڪي سپاءِ وارا ٿيندا آهن. اهو معلوم ڪرڻ واقعي ڏکيو آهي تہ هو ڪهڙي ڪيستائين رهندا. ۽ جيئن تہ هو اڪثر ساڳي منزل گاهہ ۾ سياري جا ڪيترا مهينا رهيا پيا هوندا آهن. انهيءَ ڪري ڳڻيندڙ هنن جي داخلا ضرور ڳڻپ جي ساڳين پٽڻن ۾ ڪرڻ تي هر ڪجي ويا هوندا. جن پٽڻن ۾ پرپاسي ۾ گهرن اندر رهندڙ آدم شماريءَ جي ڪئي هوندائون. ڳڻپ ڪندڙن کي جا ٻي ڏکيائي درپيش اچي ٿي، سا هيءَ آهي تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيئن پوءِ وڏيڪ بـــــروهي نيم دائمي رهائش اختيار ڪرڻ ڏانهن مائل هوندا آهن. هو سنڌ علائقــي اندر هڪڙو يا شـايد ٻـه يا وڌيڪ اونهارو رهندا. پهرين ارادو هوندن تـه ڏوڪڙ ڪٺا ڪري تڪرن ڏانهن موٽي ويندا سون، پر پوءِ خيال مٽي ويندن ۽ انهن پئسن مان زمين وٺي ڇڏيندا. اهڙا ماڻهو پوءِ بـه ڪچن اجهن يا تنبن ۾ رهندا ايندا، پر هاڻ هو ميعادي لڏي ايندڙ نـه رهندا. ان ڪري ڪين نيم دائمي رهواسين ڪان الڳ ڪرڻ تمام ڏکيو آهي.

1901ع ڪان پوءِ هر ڏهين سال ٿيندڙ ڳڻپ وقت بلوچستان علائقي جي اختياريءَ وارا انهيءَ ڳالهه ڪي تشويش جي نظرن سان ڏسندا رهيا آهن تـه اتان جي ماڻهن خاص ڪري بروهين ۾ لڏي وڃي سنڌ ۾ ويهڻ جو لاڙو جيئن پوءِ وڌندو پيو وڃي، پر مٽي جاٽايل ڏکيائن جي ڪري اجا تائين پورو پتو نـه پئجي سگهيو آهي تـه آخر بلوچستان ڪان ڪيترا بـروهي سنڌ جي علائقن ۾ لڏي آيا آهن. مســٽر لئمبرڪ جو خيال آهي تـه لڏي ايندڙ ڪيتري حـــد تائين اڳوٽيءَ سـنڌ ۾ ويهندا پيا وڃن. سـو معلوم ڪرڻ سيني ۾ خاطريءَ جو ڳـو طريقو هي ٿيندو تـه اهي لڏي ايندڙ جيڪي بـولان، ملا، هربـاب ۽ قوسي لڪن واري واٽ وٺي اچن ٿا، تنهن تي آڪٽوبر ۽ نومبر مهينن ۾ ۽ وري مارچ ۽ اپريل مهينن ۾ ڳڻيندڙ رکيا وڃن. جي هيٺ ويندڙ ۽ مٿي ايندڙ ماڻهن کي ڳڻيندا رهن. بـروهين جا الڳ الڳ قبيلا عام طرح ڌار ڌار جاين تي ڏاہا ڪندا آهن پر جي اڳوٽيءَ سـنڌ ۾ گڏجي رهڻ آيا هوندا تـه ڌار ڌار ڳوٺ ٻڌي ويهندا. هيءَ ڳالهه قبيلن جي پاڙن ۽ ننڍين پـاڙن سان بـه لاڳو ٿئي ٿي. جهالاوان جي ڪنهن خاص تر جا ماڻهو جي هڪ ئي پاڙي يا ننڍي پـاڙي جا هوندا تـه گهڻو ڪري ســنڌ ڏي گڏجي ايندا ۽ هڪ ئي هنڌ ٽڪندا. هو عام طرح تنبو، گيدڙ، هنڌ بسترا، جنڊ، رڌڻ جو سامان، اٽ ۽ گهر جون سڀ شيون ڍڳن ۽ گڏهن تي لڏي پاڻ سان ڪٺي هلندا آهن. انهن بـار ڍوئيندڙ جانورن تي ٻار، ڪنٻ جا پوڙها ۽ بـيمار پاتي، اهڙا چيلا، گهيٽا ۽ ڳُلر جي پنڌ جهڙا نـه هجن ۽ ڪڪڙيون بــــ ڪنيون ويديون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن. بـروهي ذري گهٽ سـدائين پنهنجون زائفائون ۽ ٻار پاڻ سـان گڏ ڪٽندا آهن. پر ٿورا اتي ٺي ترسندا آهن ته جيئن انهيءَ مال جي سنڀال ٿي سگهي، جو سـنڌ علائقــي ڏانهن ناهي نيو ويندو ۽ انهيءَ پوک جي تات ٿي سگهي جا هو پچڻ تي چڙي ويندا آهن. هو يا ته پنهنجن گيدڻن ۾ يا جهاتر ۽ تڏن جا اجها اڏي رهندا آهن ۽ هڪ هنڌ تيستائين رهندا آهن. جيستائين مردن کي ڪم ملندو آهي، ۽ جڏهن ڪم پورو ٿي ويندو آهي، تڏهن لڏا پٽي ٻئي پاسي ويندا آهن.

بـــــروهڪي هڪ دراوڙي ٻولي آهي يا اهڙي دراوڙي ٻوليءَ جي باقيات آهي، جا پاڪستان يورپي ٻولين جي سمنڊ ۾ الڳ ٽلڳ هئي، ۽ انهيءَ ڳالهه مان ماڻهوءَ ڄاڻ وارا ائين وسهن ٿا ته بـروهي يا ته انهيءَ پونوچي نسـل مان آهن، جو شروع شروع ۾ ڏکڻ بلوچستان جي علائقـي ۾ هيئنءَ سنڌ واري تر ڏاهن لڏي آيو هو يا وري هو ان وڏي پونوچي ڪاهه جي باقـيات آهن، جنهن سـنڌو ماتريءَ جي تهذيب پيدا ڪئي. هيءَ ڳالهه بـلڪلّ پڪي آهي ته هيئين سنڌ ماتريءَ ۽ انهيءَ ڏيهه جي وچ ۾، جتي بـروهي رهندڙ آهن، ويجهي لهه وچڙ رهي آهي، ۽ هيءَ پڻ ته شايد هزارين ورهين کان بـروهين ۽ اصلوڪن سنڌ نسلن جي وچ ۾ سڳابـــندي ٿيندي رهي آهي. 1931ع واري ڳڻپ ۾ جيڪو ڊاڪٽر گوها جو لکيل نسلي جائزو شـامل آهي، تنهن ۾ هو ڏيکاري ٿو ته بـروهين جي پيٽ ۾ سنڌي ٿورا وڌيڪ قداور وڌيڪ گول مٿي وارا آهن نڪ بـه وڌيڪ ڊگها اٿن. پر ڪاپار جي نڪري جيتري وڌيـڪ اُيي ۽ اکين جي چلهـ واري وٿي جيتري وڌيڪ ويڪري سـنڌين ۾ ٿئي ٿي تيتري بـــروهين ۾ نٿي ٿئي. اهي ڳالهيون جتي ٻنهي جي وچ ۾ نسلي هڪجهڙايون ڏيکارين ٿيون، اُتي بـروهين ۾ ويڪري نڪ سان ڊگهيري ۽ لوئيري مٿي واري نسل جي لڇ هجڻ جو ڏس پڻ ڏين ٿيون. بـاريڪ جاچ رکڻ وارن جو چوڻ آهي ته بـروهي حـد دخلي ڪري آيل بلوچن جو رت ايترو ته گهڻو جذب ڪري چڪا آهن جو هاڻ ڪين بـلوچن کان الڳ سـڃاڻڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. ٿي سگهي ٿو ته هيءَ ڳالهه صحـــيح هجي، پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مجموعي انگن اکرن جو تجزيو ظاهر ڪري ٿو تہ منجھن ڏکڻي مٽي واري آڳاٽي نسل جي لچ پنھنجي پاڙيسرين کان ڪجھہ مڙيوئي سرس آهي. جيڪي بروهي اڳوٽيءَ سنڌ ۾ دائمي طرح رهندڙ آهن،

سي زميندار، ڪڙمي، اٺن تي بار ڍوئيندڙ، لوهر ۽ قلعي گر يا مزدور آهن. ميعادي لڏي ايندڙ گهڻو ڪري سنڌي زميندارن جون زمينون ڪيڻ گهمائي سنوت ۾ آڌ جو ڪم ڪندا آهن، جنهن لاءِ پاڻ سان ڍڳا آڻيندا آهن، چانورن چڙڻ جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪندا آهن، لا بارو وجهندا آهن يا مزدوري ڪندا آهن. اڪثر ڪري زميندارن ۽ مزدوري ڏيڻ سان سڃاڻپ ٿي ويندي اٿن. سو سال بسال هنن وٽ اچي ڪم ڪندا آهن. سنڌن زائفائون وڪري لاءِ پيش جا تڏا ٺاهينديون آهن، ڏاس ۽ لن وٽينديون آهن ۽ فراسيون، خرزينون اُڻينديون آهن. ڪراچيءَ جي پرپاسي ۾ منگهي پير، ملير، درسن، گهاڙي ۽ لانڍيءَ ۾ بروهي گهڻي وقت کان رهندا اچن ٿا. ڪراچيءَ جي باغ جي پيدائش ۽ ڪير لاءِ طلب جيئن پوءِ وڌندڙ آهي ۽ موٽر گاڏين انن کي بيدخل ڪونہ ڪيو آهي، ڏکڻ جهالاوان ۽ ڪراچيءَ جي وچ ۾ پيش جو واپار زور شور سان جاري آهي ۽ ان کي آڌ جو ڪم ذري گهٽ سڄي جو سڄو بروهي ڪندا آهن. نوابشاهہ ۽ ٿرپارڪر ۾ بروهين جي تعداد ۾ واڌارو پڻ ذڪر لائق آهي. اهي ضلعا موسمي لڏپلاڻ جي حد کان ٻاهر آهن، ۽ انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ ٻئراجي واهن جي ٺهڻ ڪري هارين، ڪارخاني جي مزدورن ۽ اٺن رستي باربرداري جي جيڪا گهرج ٿي آهي، سا بروهين کي هميشہ لاءِ لڏي اچي ويهڻ تي هر ڪائي رهي آهي. نوابشاهہ ضلعي ۾ اڳيئي ڪيترا اهڙا بروهي آهن، جن وٽ پنهنجون زمينون ٿي پيون آهن، ۽ لاڙڪاڻي (قنبر) ضلعي جي شهدادڪوٽ تعلقي ۾ مسٽر لئمبرڪ ڪيترا اهڙا بروهي ڏٺا، جن ڪٽنبي بنياد تي ٻئراجي زمين جا ننڍا ننڍا ٽڪرا خريد ڪيا هئا ۽ سنا ڪڙمي سمجهيا ويا.

بروهين جي لڏ پلاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بلوچستان جي بلوچ ڪوئائيندڙن ۾ اڌ کان وڌيڪ بروهي آهن، بڪي آڙل ڊنڊ جي ڏاکڻين علائقن کان 3,000 ق م ڌاري بلوچستان ۽ ڏکڻ اولهه افغانستان ڏانهن لڏي آيا. ساڻن گڏ بلوچستان جي دنگ وارن افغانستان ۽ ايران جي علائقن جا ٻيا قبيلا پڻ لڏي بلوچستان ايندا رهيا. بلوچستان جا ڪافي ٻـا اثر گهراڻا جهڙوڪ بزنجا، رئيساڻي، مينگل، رستمزئي، ستڪزئي، سرپاڙا، لهڙي، بنگلزئي، لانگو، شاهاڻي، نيچاري، هارڻي، پندراڻي ۽ ماماساني بروهين جا پاڙا آهن ۽ ان کان سواءِ بلوچستان ۾ رهندڙ ڪوڙ سارا ٻيا غير بلوچ بہ بلوچ ڪوئائيندا آهن. بروهي، بلوچستان کان وڌيڪ افغانستان ۾ رهن ٿا. اتي اهي شوروڪ جي وچ تي هيلمي هوڏي لڏيندا وتندا آهن. ايران ۾ سندن ٿاڪ افغانستان، پاڪستان دنگ تي سبزوار کان بيمپور تائين آهن. هي ترڪمينيا جي ڏاکڻين علائقن ۾ بہ رهن ٿا. بلوچستان جا علائقا جهلاوان، سراوان ۽ قلات سندن خاص ڳڙهہ آهن، پر هي ٻين علائقن ۾ بہ هر هنڌ پکڙيل آهن.

هنن قبيلن جا پاڻ ڪي رت جا رشتا ڪونهن، پر حالتن پٽاندڙ وڻ وڻ ڪائي ۽ پانت پانت جون ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهن انتظامي، معاشي، سياسي ۽ جنگي مفادن تحت پاڻ هڪ ٿي ڏڙا ٺاهيا، جن هوريان هوريان بروهين جي پاڙن جو روپ ڌاري ورتو.

بروهي اصل ۾ دراوڙ هئا ۽ سندن وطن آڙل ڊنڊ ۽ اجوڪي دوشنبي ۽ لينن آباد جي وچ وارو پرڳڻو هو. هنن جو پهريون ٽولو 3,000 ق.م ۾ مُولاڪ اڪري قلات ۾ اچي آباد ٿيو هو. سندن لڏ پلاڻ وارو نقشو ٻڌائي ٿو تہ پوءِ ايندڙ ٻيا وري گومل لڪ اڪري اوپر ۽ ڏکڻ هندوستان ڏانهن هلندا ويا. بروهي جيئن تہ گهڻو وقت اڳي دراوڙن کان ڇڄي ويا هئا، تنهنڪري سندن ٻوليءَ جي اوسر بہ ٻين دراوڙي ٻولين کان بنهہ ڌار پنهنجي منهن ٿيندي رهي ۽ هيئنر هيءَ ٻولي هندوستان جي ٻين دراوڙي ٻولين سان ورلي ڪٿي ڪو ميل کائي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بروهين جي سنڌ ڏانهن لڏ پلاڻ صدين کان هلندي اچي سنڌن گذر سفر گهڻو ڪري چوپائي مال، ٻڪرين ۽ رڍن جي ڌڻن تي هوندو هو. هر سال سياري جي مند ۾ جڏهن سنڌ جي دنگ ويجهو ٿاڪرو علائقن ۾ مال لاءِ گاهه جي اڻاٺ ٿيندي هئي ته هي پنهنجا ڌڻ ڪاهي ڳڙهي خيري کان سيوهڻ تائين، سنڌوءَ جي ساڄي پاسي وارن علائقن ڏانهن هليا ايندا هئا ۽ نومبر کان فيبروريءَ تائين چار مهينا اتي مال چاريندا هئا. ان وچ ۾ جنوري کان مارچ تائين سياري جي مينهن تي نوان گاهه ڦٽندا هئا ته بروهي به جتان جا هوندا هئا اوڏانهن موٽي ويندا هئا. بروهي غريب هوندا هئا، پر ايماندار هوندا هئا. آڪٽوبر جي پڇاڙيءَ ۽ نومبر ۾ سڳداسي چانورن جو لاٿيءَ (پورهئي جو اجورو) تي لابارو ڪندا هئا. پنهنجا ڏاند ڪيٽين ۾ جوٽي ٻنيون سڌيون ڪندا هئا ۽ اهڙي قسم جا ٻيا ڪوڙ ڏکيا پورهيا ڪندا هئا. انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ سڱن جي ڏي وٺ يا بدي جو سلسلو عام هو. جنهن وٽ ڏيڻ لاءِ سڱ نه هوندو هو اهو ٽڪا ڀريندو هو. سنڌين جو نياڻي ٻارن تي ڏيان گهٽ هوندو هو، سو گهڻيون ڇوڪريون ننڍڙي هوندي ئي مري وينديون هيون، تنهنڪري سنڌ ۾ سڱن جي کوٽ هوندي هئي. بروهي وري اهو سوچي ته سنڌن نياڻيون سکيون ٿينديون، پنهنجون نياڻيون سنڌين ۾ مُلهه تي پرڻائي ڏيندا هئا. سنڌي سماج ۾ ڏاڏي پوٽي يا ٽڪن ڳڏي زال هڪجهڙيون ئي ليکبيون آهن. هن ريت انهن بروهڻين مائٽن وسيلي ڪوڙ سارا بروهڪا انڌ ويساهه سنڌي سماج ۾ اچي ويا. بروهي سنڌ ۾ هر سال ايترين ته ڇوڪريون وڪڻندا هئا، جو سنڌي اڄ تائين بروهين کي ماما ڪوٺيندا اچن.

ٻري پنهنجي ڪتاب "لائف هسٽري آف بروهي" ۾ بروهين جي ريتن ، رسمن، رواجن ۽ انڌ ويساهن جو ذڪر ڪيو آهي، سي سنڌ جي ڳڙهي خيري کان سيوهڻ تائين وارن علائقن ۾ اڄ به جيئن جو تيئن رائج آهن. ظاهر آهي ته اهين بروهين جي صدين کان هر سال اچ وڃ جي ڪري ئي ٿيو. ان هوندي به تيرهن صديءَ کان اڳي بروهي ڪڏهن به وڏي انگ ۾ لڏي سنڌ ۾ اچي مستقل آباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪونہ ٿيا هئا.

تيرهين صديءَ ۾ منگول وچ ايشيا، افغانستان ۽ بلوچستان تي قابض ٿي ويا هئا. اهي سڪين ستابن ماڻهن جي گهرن تي قبضا ڪري ۽ انهن جو مال ملڪيت ڦٻائي وٺندا هئا. منگولن زيارت ماٿريءَ ۾ صنوبر (Juniper) جي ٻيلن کي باهيون ڏئي ساڙيو. هاڻي اتي صنوبر جو ڪوبہ وڻ ست سو سالن کان وڏيڪ پراڻو ڪونهي. بروهي منگولن جي پَوَ کان سنڌ ڏانهن ڀڄي آيا. ملتان ۽ اُچ تي منگولن جي هر سال ڪاهن اتان جي ڀهراڙين جي ماڻهن کي لڏڻ تي مجبور ڪيو. ڏکڻ پنجاب جي سرائڪي ڳالهائيندڙ ڪوڙ ذاتين جا ماڻهو سنڌ ڏانهن لڏي آيا. اهي ذاتيون جيڪب آباد ضلعي جا جتوئي، ٻليدي ۽ ڪورائي بلوچ آهن. انهن جو بروهين سان ڪو تعلق ڪونهي.

چانڊين بلوچن جو نالو پهريون ڀيرو 1616ع ڌاري ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. جڏهن شمشير خان نئين جو گورنر هو. ڪجھ چئي نہ ٿو سگھجي تہ اهي سنڌ ۾ ڪڏهن اچي آباد ٿيا هئا. محال ڪوهستان جي نومڙين بابت پڻ ساڳيو حال آهي اهي هاڻي بلوچ ڪوٺائين ٿا. جڏهن تہ سترهين صديءَ ۾ سمن جو هڪڙو پاڙو ڪوٺبا هئا. ڪلمتين ۽ جوکين بابت پهريون ڀيرو 1650ع ڪانپوءِ اورنگزيب جي ملتان جي گورنريءَ دوران ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. چانڊيا رنگ آڌار هڪڙا "ڪارا" ۽ ٻيا "پورا" ڪوٺبا هئا. 1635ع ڌاري چانڊين جو ست سو پيادن سپاهين ۽ ٽي سو گهوڙن جو لشڪر هوندو هو. نوحاڻي بلوچ نيئنگ ويجهو ٻن چشمن تي ٻني ڪندا هئا. هاڻي اهي چشما سيدن جي ملڪيت آهن.

بلوچ ذاتيون مگسي، لاشاري، رند، ديناري، ڊومڪي، ڪلوهر ۽ ٻليدي جيڪب آباد ضلعي ۾ ۽ چانڊيا خيرپور ناٿن شاه، جوهي ۽ سيوهڻ تعلقن ۾ آباد هئا. ڏلَ ۽ ٻبَرَ پاڻ کي بلوچ چورائيندا هئا ۽ سترهين صديءَ ۾ هاٽو ڪي ڪوٽڙي تعلقي ۾ رهندا هئا.

لڳي اِئين ٿو تہ هنن ذاتين جا گھڻي ڀاڱي ماڻهون تيرهين صديءَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منگولن جي پَوَ کان ســـنڌ ۾ اچي ويٺا. اهي ڏار ڏار ٻوليون ڳالهائيندا هئا: ڏکڻ پنجاب وارا سرائڪي ۽ بلوچستان وارا بلوچي يا بـروهڪي ڳالهائيندا هئا ۽ انهن جا پاڻ ۾ رت جا رشــتا بـــ نـه هئا. هن بــاري ۾ تفصيلي بحث ليکڪ جي ڪتاب "سنڌ جي جاگيرداريءَ خلاف جدوجهد" ۾ ٿيل آهي.

سنڌ ۽ ايران، افغانستان جي علائقن سان پنج هزار سالن کان لاڳاپا رهڻ ڪري هاڻي بروهي نالي ماتر بہ دراوڙ نہ ٿا لڳن.

مهاڻا

پڪ ناهي تہ "مهاڻو" نالو ڇا مان نڪتو آهي، پر ان مان مراد ســــنڌ علائقي جي مسلمانن جو اهو قبيلو ۽ ان جي اڪيچار پاڙا آهن، جن جي ڪِرت سمنڊ جي ڪپر تي توڙي اندر ڏيهہ ۾ مڇيون مارڻ آهي. مڪـران جا مهاڻا ميد سڏبا آهن ۽ اهو نالو سنڌ ۾ اڻڄاتل نہ آهي، توڻي جو هاڻ انهن جو سلسلو انهن سائٿيائي ميدن سان ملائڻ ناممڪن تو نظر اچي، جي هزار ورهيہ اڳ سنڌوءَ جي ڪنڌين تي رسندا هئا. مهاڻا بـــ اهي ئي آهن، جي اڳوڻي پنجاب جا ملاح آهن، اڳئين پنجاب جي ڏکڻ اولهہ ۾ ان ئي نالي سان مهاڻا آهن. ۽ ملاحــن جو گهڻ ۾ گهڻ هڪڙو پاڙو متجاري نالي ســاڳيو مهاڻن وارو آهي ملاح ڪرت واري ذات آهي. جيڪڏهن ملاح بـــلوڻارڪ جا ڄاڻايل اُهي ئي ملوءِ لوڪ آهن، سڪندر اعظم سان سندس سنڌوءَ ۾ لهواري هاڪار وقــت ڇتيون چڪريون ڪاڏيون هيون تہ پوءِ اهي ماڇهو سنڌو ماتريءَ ۾ عيسوي سن کان گهڻ ۾ گهڻ ٽي سؤ ورهيہ اڳ کان وسيل آهن. هنن ۾ آڳاٽن ماڇهن وارا سڀ مهاندا آهن ۽ عام طرح ســـندن چمڙيءَ جو رنگ اڪثر ڏيهي ســنڌين کان وڌيڪ ســانورو مســٽر ڪُورنٽن جو ويچار هو تہ انهن کي ڪانياواڙ جي مهاڻن ۾ مياڻن ســــان (هڪ سنئون) سمجهڻ لاءِ ڪا خاص سند ڪانهي، ۽ نہ ئي ائين سمجهڻ لاءِ ڪا ثابتي اٿئون تہ اهي نالا پاڻ لاڳاپيل آهن. ان جي فائدي ۾ هڪڙو ئي دليل آهي، جو هيءَ تہ سنڌ علائقي ۾ منير ٻحرن جي ڳوٺ کي "مياڻي" سڏيندا آهن. ڪانياواڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واري ۽ نال ڏنڊ جا مهاڻا ۽ ٻيڙين وارا ڏيک ويک توڙي عادت ۾ هر لحاظ کان اهڙا آهن. جهڙا سنڌي مهاڻا، ۽ هو نال تي پنهنجون وڏيون ٻيڙيون سوڌ پوڌ اين ئي هلائيندا آهن، جيئن سنڌ علائقي جا مهاڻا منڇر ڍنڍ تي هلائيندا آهن.

پوسٽنس چاڻائي ٿو تہ "منيا" يا "مانا" پڻ سڏيو ويندو آهي، پر مسٽر ڪورنٽن، پوسٽنس کي معتبر رهبر نٿو ليکي. ٻئي طرف، پيريپلس ۾ هيٺين ۽ سنڌو ماٿري جو جيڪو نقشو ڏنل آهي، تنهن ۾ "مينانگر" جي نالي سان هڪڙو شهر سنڌو نديءَ جي ڏيلٽا تي ڏيکاريل آهي، ۽ سرائين جي هڪڙي ذات "مينا" بہ آهي.

مهاڻو لفظ اڳوڻي پنجاب جي ڏکڻ اولهہ ۾ پڻ ڪتب اچي ٿو، ۽ اڳوڻيءَ سنڌ جيان اُتي پڻ مهاڻن کي عام طرح "ميربحر" سڏيو ويندو آهي. اهو پڻ ڪرت ڏيکاريندڙ نالو آهي ۽ معنيٰ اٿس "سمنڊ يا پاڻيءَ جو سرواڻ" انهيءَ ڳالهہ جو وڏو امڪان آهي تہ مهاڻا نسل جي حيثيت ۾ جتن يا سمن کان بہ اڳاٽا آهن ۽ تي سگهي ٿو تہ اهي موئن جي دڙي واري زماني کان هيٺين سنڌو ماٿر جي ڪن اصلوڪن ماڻهن جا پونئر هجن. صادق علي مهاڻن جون 254 ذاتيون ٻڌائيندي چوي ٿو تہ پتو ناهي تہ اهي اصل هندو هئا يا ڪي ٻيا لوڪ. اُهي يا تہ ٻيڙيون هلائيندا آهن يا مڇيون ماريندا ۽ وڪڻندا آهن. جڏهن کان درياءَ جي پاسن کان بچاءَ بند ٺاهيا آهن، تڏهن کان ڍنڍون ۽ ڍورن کي، جي اڳوڻيءَ سنڌ مڇين جا بچاءُ گهر هئا، سنڌوءَ جي ليٽ جو پاڻي ملڻ هاڻ بند ٿي ويو آهي. ڪيترا ميربحر ۽ مهاڻا چار ڦٽا ڪري، مڇي مارڻ جو حق ڇڏي وڃي هر ڪيڙ ڪي لڳا آهن. سواءِ هڪڙي ذات جي جنهن کي لاڙ ۾ "ڏاگوري" ۽ سري ۾ "جهبير" ڪوٺيندا آهن. ٻيا ڪي بہ مهاڻا واڳون ۽ ڪڇون ڪونہ ڦاسائيندا آهن.

سما

سماٽ قبيلن ۾ سمن جي حيثيت سيني ۾ مٿاهين اهي، سو سندن ذڪر پهرين ڪجي ٿو. سمن کي يادو راجپوتن جي هڪ شاخ سمجهيو وڃي ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ ڪسابن کان سنڌ علائقي ۾ وسيل آهن. سنڌوءَ جي ڪنڌي تي سمانگر سنڌن آڳاٽو تخت گاهه هو، جو شايد هاٽوڪي سيوهڻ سان هڪ سنئون هو. جڏهن چوڏهين صديءَ ۾ اعليٰ اختياري سنڀاليائون، تڏهن پهريون تخت گاهه ٺٽي کان ڪجهه ميل اُتر ۾ ساموئي هُين. چچ نامي ۾ جن لاکن ۽ سهتن جو ذڪر آيل آهي، سي سمن جا قبيلا آهن. ٿورن سهتن کي ڇڏي، باقي سڀ سما هاڻ مسلمان آهن. 1901ع واري ڳڻپ موجب سمن جو انگ 732،897 هو ۽ 1931ع واري ڳڻپ ۾ 1،01،501 ڄاڻايو ويو، جو بيحد گهٽ ڏيکاريل آهي. تنهن ڪانپوءِ قبيلن جي بنياد تي ڳڻپ پئي ٿي آهي: صادق علي ڄاڻائي ٿو ته سما اڳوڻيءَ سنڌ جي آدم شماريءَ جو چوٿو چوٿو پاڱو آهن ۽ گهڻو ٿورو پوکي راهي ڪندا آهن. سنڌن اصل نسل بابت ڪيئي رايا آهن. تحفة الڪرام جو مصنف چوي ٿو ته: سما نبي سڳوري جي چاچي ابولهب يا ابوجهل جا يا ايران جي هڪ ناليواري بادشاهه جمشيد جا پونير آهن يا سنڌن سلسلو شير ڪان ٿيندي وڃي حضرت نوح عليه السلام سان ملي ٿو. "تاريخ فرشته" ۾ سما جمشيد جا پويان ٻڌايا ويا آهن. پر اهي شجرا سڀ فرضي آهن ۽ صادق علي ائين ٿو سهي ته سما اصل ۾ هندو آهن ۽ مسلمانن جي فتح کان اڳ اڳوڻيءَ سنڌ جي هندو راجائن سان ڳنڍيل هئا. هو انهيءَ عام مذڪور کي خام خيالي سمجهي ٿو ته اصل لفظ "سامهون" آهي، جنهن هيءَ مراد ورتي وڃي ٿي ته سنڌن وڏا جڏهن اسلام جي آمهون سامهون آيا ته مسلمان ٿي ويا، سو اهڙيءَ ريت "سامنهون" ثابت ڪري ٿو ته قبيلي جو وڏو سمو، پاڻ ڪريمن جي ڪنهن چاچي جو اولاد نه هو ۽ نه ئي هو تنهن زماني ۾ آيو هو جنهن زماني ۾ عربن ڪاهي اچي سنڌ علائقو فتح ڪيو هو. صادق عليءَ ويهن کان به وڌيڪ صفحا سمن جي بيان کي ڏنا آهن. هو سنڌن ست سو اٺانوي پاڙا ڄاڻائي ٿو، جن مان ڪيترا اڄ به سنڌ جي آبادگارن جا نالا آهن. بمبئي پريزيڊنسيءَ جي 1931ع واري ڳڻپ ڄاڻائي ٿي ته "سما" نالو خاص مفهوم ۾ واپرايو وڃي ٿو: 1. هڪ خاص قبيلي ۽ ان جي پاڙن لاءِ 2. ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قبيلي جي تنهن گهراڻي لاءِ جو ڪڏهن هيئين ۽ سنڌ جو حاڪم هو ۽ سامونئي ۽، ٺٽي جا شهر ٻڌايا هئائين ۽ 3. اڄڪلهه اهو نالو گهٽو ڪري سماٽ جي صورت ۾ ڪم آندو وڃي ٿو. جي خاص سنڌي قبلين جو 75 سيڪڙو آهن. جن بابت هاڻ معلوم آهي ته هي اڳوڻي پنجاب کان آيل هئا ۽ بلوچ يا عرب يا پٺاڻ بڻ ٻڌياد مان نه آهن. اهو اڻ ٽيٽي تولڳي ته ڪو اهي سب پاڻ سچ پچ سمن جي قبيلي جا هوندا. ڪي ته چنيءَ ريت راجپوت ڪُلن جا ڀاڱا آهن. شايد سما پاڻ به اصل راجپوت يا گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ حيثيت جا هئا، پر شايد نج نه ائين چاڻي سگهجي ٿو ته سمن جا قبيلا عام طرح سمن حاڪمن جا پوئلڳ ۽ حمايتي هوندا ۽ گهٽو ڪري ساڳي حيثيت ۽ بڻ ٻڌياد وارا هوندا. ڪڏهن ته سومرا به سماٽ ڄاڻايا ويندا آهن. چچ نامي ۾ سومرن، جتن، لاکن، لوهاڻن ڪي سنڌو ماٿريءَ جا عربن کان اڳ جا قبيلا ڪري ڄاڻايو ويو آهي، جي لاڏائو ۽ اڻ سڌريل عادتن وارا هئا ۽ جن کي الور جي راجا چچ چيپاٽي ڇڏيو هو. پاڻ کي سمو سڏائيندڙ ماڻهو اڄڪلهه گهٽي ڀاڱي ر ۽ لاڙ ۾ آهن. ۽ بهاولپور ۾ پڻ سري واري پاسي جدا ملندا.

مددي ڪتاب

1. قديم سنڌ ڀيرو مهرچند آڏواڻي.
2. جنة السنڌ مولائي شيدائي.
3. تصوير سنڌ ايم ايچ پنهور.
4. سنڌ گزيٽيئر (ٻه ڀاڱا) ايچ ٽي سورلي.
5. ذاتين، قومن ۽ قبيلن جي انسائيڪلوپيڊيا جلد پهريون اياز ڀاڳت
6. خاندان، ذاتي ملڪيت ۽ رياست جي شروعات اينجلز ترجمو ابوبڪر خان مکسي.
7. ابڙو وڏو وڙو مهدي شاهه.
8. سنڌو سوويئر گنگا رام سمرات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بـرڪت جيهو تاريخ جو شاگرد رهيو آهي هن جو تاريخ ۾ وسيع تناظر آهي.
پڙهڻ جو شوقين رهيو آهي. مونسان واقفيت لڳ ڀڳ ويهن سالن کان اٿس.
هي ڪتاب درلوڙن جي مختصر تاريخ انهن عالمن جي راين تي مشتمل آهي
جيڪي تاريخ جا وڏا اڄاڻو رهيا آهن بـرڪت جيهي انهن ڇڙوڇڙ راين کي سوڏي سموهي
ڪجهه ڪري پڙهندڙن اڳيان رکيو آهي يقيناً اهو پورهيو صابِ ويندو.

غلام سرور ناريجو

برڪت جيهو منهنجو پراڻو دوست آهي هڪ علم دوست ۽ ڪتابن سان چاهه
آهي سندس لائبريريءَ ۾ تاريخ جي موضوع تي انتهائي قيمتي ڪتاب آهن جن جو
وقت مطالعو ڪندو رهندو آهي هي ڪتاب بـ ان مطالعي جو ئي نتيجو آهي آءٌ ڪيس
درلوڙن جي مختصر تاريخ ڇپائڻ تي مبارڪباد پيش ڪيان ٿو.

ايم فل اسڪالر
بخشن علي وڏيو
ڳوٺ قائم خان وڏيو، تعلقہ ڳڙهي ياسين

برڪت جيهو سان منهنجي شناسائي ايم فل جي ڪلاسن دوران ٿي پاڻ تاريخ
۽ ٻاڻو ادب سان تمام وڏي دلچسپي رکندڙ سنڌي ادبي سنگت نئون ديرو جو
سيڪريٽري رهي چڪو آهي مونکي ڪتابن جي مطالعي تي پڻ برڪت جيهي ئي آندو
ڪتاب درلوڙن جي مختصر تاريخ سندس مطالعي جو ثمر آهي ۽ انتهائي خوشي ٿي
ڪتاب ڇپجڻ تي.

نديم ڪنوهر بلوچ
خيرپور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner